# گيت برھہ جا

# Geet Birah Ja

گيت رچيندڙ



شري پرسرام ضيا صاحب

گيت ڳائيندڙ



سنگيت سمراٽ ماسٽر چندر

# ملڪ مان آچڻ وارا خبر چار ڏياءِ !

ٽلهه : ملڪ منهنجي مان آچڻ وارا خبر چار ڏياءِ ...

١- گوپ گوپال ، گهنشام ۽ گرڌر خوش هــو ،
عرض موسو ۽ خميصو علي اصغر خوش هو ،
رام ڪرشن ۽ ڪنعيو ، هري شنڪر خوش هو ،
نوُر محمد ۽ ڏِني بخش ۽ اَڪبر خوش هو .
ملڪ منهنجي مان آچڻ وارا ...

٢- ڏي حسينن جي خبر ماهجبينن جي خبر ،
ڏي حبيبن جي خبر ۽ ڏي رقيبن جي خبر ،
بي سريلن جي خبر ۽ ڏي سريلن جي خبر ،
بادشاهن جي خبر خاڪنشينن جــي خبر .
ملڪ منهنجي مان آچڻ وارا ...

٣- حسن وارن ۾ اَڳيون حسن ۽ رنگت آهي ،
نــاز وارن ۾ اَڳوڻي ســا نزاڪت آهي ،
ڪنهن جي پيرن ۾ اَڃا تاءِ قيامت آهي ،
سامهون تن ڪي بهڻ جي ڪنهن ڪي طاقت آهي .
ملڪ منهنجي مان آچڻ وارا ....

٤- هاڻ جي باغ وطن ۾ اُها رنگت هوندي ،
پتہ پتہ ۾ بـــہ رعنائي ۽ زينت هوندي ،
گل تي بلبل ڪي مرڻ جي اَڃا عادت هوندي ،

ڪشش بلبل کي ڀؤنر کي رقابت هوندي ۔
ملڪ منهنجي مان اچڻ وارا ....

۵– شاعرن جي ڏي خبر ڪيئن آهي تن جو سنسار ،
هاڻ پيا پڙهندا هوندا گڏجي انوکا اشعار ،
قصا بلبل و گل جو ڪندا هوندا اظهار ،
۽ ڪندا هوندا سخن، سخن ۾ موتي نروار ۔
ملڪ منهنجي مان اچڻ وارا ...

٦– ڏي مرادن جي خبر ڏينم پيرن جي خبر ،
چوڌري جي ڏي خبر ۽ ڏي وڏيرن جي خبر ،
شيخ جي ڏينم خبر ۽ ڏي فرهنگ جي خبر ،
مڪي صاحب جي خبر ڏينم ۽ ڏي پنڊتن جي خبر ۔
ملڪ منهنجي مان اچڻ وارا ...

۷– ڏي هندو جي خبر ڏينم مسلمان جي خبر ،
ڌرم واري خبر صاحب ايمان جي خبر ،
ڏينم پنڊت جي خبر حافظ جي خبر ،
خوش رهڻ واري جي خبر ۽ حال پريشان جي خبر ۔
ملڪ منهنجي مان اچڻ وارا ....

۸– ڪيئن هاري ٿا هلن ڪيئن ٿا زميندار هلن ،
ڪيئن ٿا مزدور هلن، ڪيئن ٿا زردار هلن ،
ڪيئن بازار هلي ٿي، ڪيئن ٿا واپار هلن ،

ڪيئن پنهنجا ٿي هان، ڪيئن ٿا اغيار هلن.
ملڪ منهنجي مان اچڻ وارا ...

٩- ڪيئن ٿي پوک پچي ڪيئن ٿا هينئر فصل ٿين،
ڪيئن باقي ٿو ملي ڪيئن ٿا عملدار هلن،
ڪين باقي ٿا نڏهن ڏين، جڏهن ڪجهه ٿا وٺن؟
جي انين آهي ٽڪلر هو مٽي دانهن ٿا ڏين.
ملڪ منهنجي مان اچڻ وارا ...

١٠- ڳوٺ جي باغ ۾ ايندا هوندا ڳائڻ وارا،
سارنگي ڏڪڙ ۽ يڪتارو وڄائڻ وارا،
سڀ ڪتا ايندا هوندا، رنگ جمائڻ وارا،
عشق - الله جو، آلاپ ٻڌائڻ وارا.
ملڪ منهنجي مان اچڻ وارا ....

١١- پنهنجون هاڻ ٻه سٽ روز ڪتينديون هونديون،
چاهه مان چرخو ڪڍي ڦيرا سي ڏينديون هونديون،
هڪ ٻئي کي سي انهي وقت سڏينديون هونديون،
راڳ ڳائينديون هونديون ۽ ڏوهيڙا ڏينديون هونديون.
ملڪ منهنجي مان اچڻ وارا ...

١٢- ديويون جند ڪڍي هاڻ ٻه وهنديون هونديون،
ڪٽڪ ٻاجهر يا جوئر چاهه مان پهنديون هونديون،
ليپو هٿ ۾ ڪڍي گهر پنهنجي کي ليپينديون هونديون،

گهر پنهنجي جا لٽا سڀئي ڪٽي سڀنديون هونديون.
ملڪ منهنجي مان اَچڻ وارا ....

١٣- هاڻ پِي اِڳ جهڙو سنتوش گهرن ۾ هوندو،
جنگ جهيڙو نہ ڪڏهن بہ ٻنن ۾ هوندو،
پيار ۽ ميل ننڍن ۾ ۽ وڏن ۾ هوندو،
تنهنڪري هرڪو وطن واسي سکن ۾ هوندو
ملڪ منهنجي مان اَچڻ وارا ....

١٤- هاڻ پِي اڳي جيان درياهہ پيو وهندو هوندو،
ڪاٿي پيو چڙهندو ۽ ڪاٿي پيو لهندو هوندو،
ڪٽ ٻيڙن کي ٽڪر زور سان هڻندو هوندو،
پنهنجي لئہ رستو ٺاهي پيو لنگهندو هوندو.
منهنجي ملڪ مان اچڻ وارا ....

١٥- فائدي ڳوٺ جي لئہ پاڻ ۾ پڇندا هوندا،
سارهڪ ٿئي جي، سڄڻ ٻڌجي سي لهندا هوندا،
مکي صاحب جي چئي ۾ سڀئي رهندا هوندا،
ڳوٺ جا ٻارڙيسري پاڻ ۾ لهندا هوندا.
منهنجي ملڪ مان اچڻ وارا ....

١٦- بخت بگڙيو تہ ڪٿا ڪي پيا قسمت وارا،
وئي دولت، تہ پيا بگڙي هئا، دولت وارا،
رئي قسمت تہ رسي وينا محبت وارا،

موٽ ونڻي ڪيئن ٿا هلن هاڻ سي عزت وارا.
ملڪ منهنجي مان اڇڻ وارا ...

١٧- ٻي وطن جن ڪيو سي ڪئن ٿا هلن اهلي وطن،
ڪئن منهنجي واسطي دل ۾، ڪو هيئڙو درد اٿن،
ظلم مون تي ٿيو ان لئه ڪوڙي پڇتاءُ اٿن،
ڪين اڄ ٿاءُ ڳالا ڪن ٿا ۽ ڳارڙيون ٿا ڏين.
ملڪ منهنجي مان اڇڻ وارا ...

١٨- دشمني جن رکي، خوش هو ندا سي عداوت وارا،
وڙي جن منهنجي تي عزت، آهي عزت وارا،
شڪوه ڪنهن جو نه آهي نا هيون شڪايت ڪرڻ وارا،
خوش رهن شل ضيا، ظلم جي عادت وارا.
ملڪ منهنجي مان اڇڻ وارا ....

( رڪارڊ جا ٻه پاسا پريل )



# ٢- پنهنجي اکين کي جهل تون!

ٽلهه: سهڻا پنهنجي اکين کي جهل تون،
اهي ليئر نه پل پل هڻ تون، اهي ليئر ....

١- ڪرين ڪوشش ڇو تون گهائڻ جي،
ڇڳي ناهي رسم ستائڻ جي،
ڇو مٺڙن کي تون مارين،
وري قياس نه دل ۾ ڌارين،
ڇو تون هر هر ايڏو رئارين،
جيڪا ڳالهه هجي سا سل تون،
سهڻا پنهنجي اکين کي جهل تون ....

٢- اهي ڪارا وار لڪاءِ مٺا،
ڪين واسينگن کان ڏنگاءِ مٺا،
اهو ڏنگ سهي ڪين سگهبو،
دنيا ۾ رهي ڪين سگهبو،
نانگن کان بچي ڪين سگهبو،
[illegible] هجت نه هاڻ هل تون،
سهڻا پنهنجي اکين کي جهل تون ...

٣- دل نازن سان هيءَ پالي آهم،
ڌاين سورن سان ٿي سنڀالي آهم،

آهي دل جـي ٽوڪي ٻاريت،
هيءَ آهي پر مهنجي امانت،
وجهه لئهن پر ڪيـن خيانت،
ڇڏ هاڻ ضيا ول ڇـل ٽون.
سهڻا پنهنجي اکين کي جهل ٽون...

## ٣ـ ويا آخر ڇڏڻ وارا!

ٽيڪ: وڃڻ وارن کي وڃڻو هو، ويا آخر وڃڻ وارا،
اسان کان ويا ڪري پاسو، هئا پاسو ڪرڻ وارا!

١ـ اسان کي نيڻهن جو نالو هئو ڳنڍيائون ڪي ڇنڻو،
مگر جن کي هئو ڇنڻو، ڇني ويا سي ڇنڻ وارا!

٢ـ نه ڪنهن جي ڪا شڪايت آ،
نه ڪنهنجو ڪوئي شڪوه آ،
اسين هر حال پر آهيون، سدا راضي رهڻ وارا!

٣ـ اهي آخر ڦٽائي ويا، پنهنجي دل ٽان پلائي ويا،
هٿاسين ڪين ڪي جن کي، هڪ پل پڻ پلڻ وارا!

٤ـ ضيا هو واقعو اهڙو جو رندي مون لکيو آهي،
اسين نه نه ڪين ڪي آهيون،
روئي واقع لکڻ وارا!

## ٤- دل توکي ڏيندس!

ٿلهه: تنهنجي سر جو قسم دل مان توکي ڏيندس،
لون ونين نه ونين دل هٿ ۾ کڻي
تنهنجي گهر ايندس

١- تنهنجي در تي دوست صدا هڻندس،
توکان دان محبت جو گهرندس،
تنهنجي چائنٺ تي سر مان رکندس،
خيرات وٺي پوءِ هليو ويندس.
تنهنجي سر جو قسم دل توکي ...

٢- تنهنجي اک جي اشاري سان کسندس،
تنهنجي تير جا گهاؤ پيو سهندس،
تنهنجي ناز اکيان پيو مان نمندس،
تنهنجي سونهن تان مان صدقي ٿيندس.
تنهنجي سر جو قسم دل توکي ....

٣- ضيا توسان جڏهن گڏجاڻي ٿي،
تڏهن ڏينهن کان دل ويڳاڻي ٿي،
دل روئي روز نماڻي ٿي،
تنهنجي قدمن تي سا اچلائيندس.
تنهنجي سر جو قسم دل توکي ---

## ٥- دل اسان ٻنهي جي هڪ آ!

**ٿلهه:** دل هن جي منهنجي هڪ آ،
ڏاڍي آسان ٻنهي کي سک آ. ڏاڍي ...

١- مان هن کي وڻان، هو مون کي وڻي،
اهڙو نالو سڀ سان شال ٻڌي،
مون ته پيتو پريم جو پيالو،
جنهن ڪيو مونکي متوالو،
آهي عشق جو رنگ نرالو،
مون ته پيتي پريم جي پڪ آ. ڏاڍي آسان ...

٢- شل رستو اهڙو هلندو رهي،
منهنجو دلبر مونسان ملندو رهي،
منهنجون گذرن تنهن سان راتيون،
ڪريون لڪي لڪي پيار باتيون،
جيئن ٺرن ٻنهي جون ڇاتيون،
ڇو لڳي ٻنهي ڌرين کي ڇڪ آ. ڏاڍي ...

٣- ضيا ٻاکر ۾ ٻڌي رهنداسين،
اسين ناهه ڪري ٻئي نڀائينداسين،
ڪين پيار اسان جو گهٽبو،
۽ هڪ ٻئي کان ڪين هٽبو،
منهن ڪين ٻنهي جو مٽبو،
اها ڳالهه منهنجي هڪ ٺڪ آ. ڏاڍي ....

# ٦- تنهنجي شهر ۾ آيس

شعر: وطن کان دُور آهيان - دربدر آهيان،
غريب آهيان، ڏسو ڇا ڇا نہ ٿيو آهيان.
تڏهن ٻـــي خوش نصيب آهيان،
سڄـڻ جيئن جيئن ٽڪاري ٿـــو،
مان ٿيئن اُن جـي قريب آهيان.
ڀلائڻ سان بـــہ نـــہ ڀلجان ٿـــو،
مـــان ماڻهو ڪو عجيب آهيـان.

ٽلهہ: تنهنجي شهر ۾ آيس قسمت سان،
پر سهڻا ڪين رهايو تو،
سهڻا ڪين رهايو تو، منهنجا دلبر ڪين رهايو تو....

١- تنهنجي درد ۾ پنهنجو ديـس ڇڏي،
پرديـــس ۾ ويٺس جـــاء اَڏي،
مان ڪين ڇڏيان ها پنهنجو وطن،
پر نياڻين ساڻ گهرايو تو. دلبر ڪين رهايو تو....

٢- تنهنجي عشق سڄڻ مجبور ڪيو،
مون کي پنهنجي وطن کان دوُر ڪيو،
مون توسان تـــوڙ نڀائي آ،
پر دلبر ڪين نڀايو تو. دلبر ڪين رهايو تو...

٣- تون شـاد رهين آبـــاد رهين،
مون کي دلبر سدا تون ياد رهين،
ضيا هاڻ وڃان ٿو پنهنجي وطن،
جو دل ٿان دوست ڀلايو تو. دلبر ڪين رهايو...

## ٧- خريدار کي ٿو ڳولهيان!

**ٿلهه:** دل آهي هٿن ۾ ٿو خريدار کي ڳولهيان،
بازار - محبت ۾ ٿو طلبدار کي ڳولهيان!

١- قيمت آ منهنجي دل جي فقط پيار محبت،
سستو هي آهي سودو ناهي زر جي ضرورت،
بس گهرجي وفائي ٿي، ٿو وفادار کي ڳولهيان....

٢- دل پنهنجي آئم ڪرڻي حسينن جي حوالي،
ڪو سهڻو خريدار هٿي دل ڪـــي سنڀالي،
ٿو ان ڪري اڄ حسن جي سرڪار کي ڳولهيان....

٣- واپار ضيا اهڙو نصيبن سان ٿئي ٿــو،
دل مفت ۾ هڪ عاشقيء ناشاد ڏئي ٿو،
محبت جي منڊائي ۾ ٿو منڊار کي ڳولهيان....
(قرب جي ميدان ۾ ٿو قربدار کي ڳولهيان).

## ٨- شعر

**ٿلهه:** ڪيو تو واعدو مون سان وفـــا جــو
نه ٽوڙيو تو سو قسم آهي خـدا جو

١- تنهنجي اميدن تي جيئرو رهيس ٿي
دلاسو تو ڏنو هو مونکي دوا جو

٢- جڏهن ظـالم ســتم تنهنجا ڏسـان ٿو
پــوي ٿو ياد قصو ڪــربــلا جو

٣- ڏنئي کهڙي سزا، تو هن بيخطا جي
جو دشمن تـي پيو، آهين ضيا جو.

## ٩- هليا ويندا سين !

شعر: اسين آيا سين سو آيا سين
وري نه توهان جي در تي اچڻو آ،
جي توهانجيءَ ياد ستايو ڪٿي
توکي خيال ۾ ئي ڏسڻو آ۔
اسين توهان جي دل کي جهاپيندا سين
اسين پنهنجو پاڻ پليندا سين،
پنهنجو پاڻ سان سور سليندا سين
اهو سور نه تو سان سلڻو آ۔
توهان جي در تي اچون، تون اچڻ نه ڏين
توکي ڏسڻ گهران تون ڏسڻ نه ڏين،
مونکي ڪنهن نموني ڪڇڻ نه ڏين
هاڻي منهن سان ڪڇ ٻي نه ڪڇڻو آ۔

ٿلهه: نه ڪو بحث، نه تڪرار، هليا ويندا سين،
نيت لاچار ٿي، لاچار هليا ويندا سين۔
١- ٿا وفا توکان گهرون، پنهنجي وفا جي بدلي،
جيڪڏهن تون ڪندين انڪار هليا ويندا سين۔
٢- تنهن جي مرضي تي ڇڏيل آهي رهون يا نه رهون،
جي اسان کان ٿئين بيزار، ته هليا ويندا سين۔
٣- پاڻ ڏاين تي ضيا، کهڙي اسانجي هلندي،
بند پنهنجي ڪري گفتار، هليا ويندا سين۔

## ١٠- دلربا مون وٽ ايندين!

دلربا مون وٽ ايندين، هيڪڙ تون قرب ڪري.

١- تو بن آهي اداسي ڇانئي
رات جو مونکي ننڊ نہ آئي
تو کان سواءِ دل گهٻرائي
اچي دل کي دلاسو ڏيندين. دلربا ...

٢- تنهنجي منهنجي - منهنجي تنهنجي پريت پراڻي
آءٌ بہ تو ڄاڻان - تون بہ تو ڄاڻين،
ساجن ايندين تنگ سڃاڻين،
اچي من جو محرم ٿيندين. دلربا ...

٣- سالن کان تو ساريان سڏياريان،
راهون ضيا ٿو روز نهاريان،
تنهنجي ياد ۾ پاڻ تو ڳاريان.
هاڻي تون ڪيئن ڇڏيندين. دلربا ....

## ١١- ٿي ياد تنهنجي ستائي

ٽيڪ: ياد تنهنجي ٿي ستائي، دلربا ايمان سان،
سچ چوان ٿي آهي تنهنجي وفا - ايمان سان.

١- اي مٺا منهنجا جڏهن تو سان ملاقاتون ٿيون،
ٿيو تڏهن کان تو مٿان آهيان فدا - ايمان سان.

٢- جي کھڻ چاھين تو نہ ڪچ دک نہ ڏيندو ڪڏھن،
مان نہ ھردم پيئي ڪندس، توکي دعا - ايمان سان.

٣- دل لڳائڻ کي سزا ڏيندين - نہ سھندس شوق سان،
اي ضيا ھرگز نہ ڏيندس مان خطا - ايمان سان.

## ١٢- وڏين تون دل ڏتاري !

او سھڻا نزاڪت وارا، وڏين تون دل ڏتاري،
ھاء ماريو آھي تنھن جي ھڪڙي اشاري.

١- اکيون مست شرابي، پيو رنگ تنھنجو گلابي،
نشو ٿيو - نشو ٿيو، منھنجا دلبر ساروھوش ويو.
سرڪي اھڙي سڪ کان،
مون کي سھڻا چڏيم پياري،
مست بڻجي پريتم پل پر، وينس پاڻ وساري.

٢- تير نگاھن جا کڻ تون،
دل تي شوق سان ھڻ تون،
وفا ڪرين يا جفا ڪرين،
راضي نہ ھر ڪنھن حال پر آھيان،
تنھنجي آھيان پياري،
منھنجي ضيا اميد جي بيڙي،
آھي تنھنجي سھاري.

## - ڪبوتر هٿ نياپو ماستر چندر موڪليو!

ڪبوتر ڪبوتر، ڪبوتر، ڪبوتر!
ڪبو هيءَ ڪٺي وچ عقل جا اڪابر! ڪبوتر ...

١- حسين جي ٽوليءَ ۾ ڏسجانءِ ڦولي،
منهنجي يار ڳولهي، وٺي اوٽ اولي،
مٺا ٻول ٻولي، چنبج چهنب کولي،
لکي چٺڪ چولي، وڏا يار رولي،
تون سعدزيءَ مان ڳولهي ۽ ڳولهج پشاور.
ڪبوتر، ڪبوتر ...

٢- ڪبوتر چنبج آب اڪرين ۾ آئي،
نه توکان سواءِ من ناهي اڪائي،
ملي وچ مران تو الله پاڪ جائي،
متان دير لائين ورج تون سيائي،
اچي حال سارو سڻائج سراسر.
ڪبوتر، ڪبوتر ....

٣- ڪٿي تون ڪٿي مان، ڪٿي آهي منزل،
اچي مان ملان يا نه تون ٿي. اچ مل،
اهو ٿي مان ۽ تون، اها ٿي آهي دل،
اچو سان اوهان جي، اها ٿي آ محفل،
اچو جو ڏي احوال، ها ڪر يا نا ڪر.
ڪبوتر، ڪبوتر ...

۴- وفا تو ڪريان تنهن جي عيوض وفا ڪر،
وفائي جي بدلي نه سهڻا جفا ڪر،
اَجايو نه ايڏو تون چندر کي خفا ڪر،
منجهيل ڳالهه يا نه تون ٿي صفا ڪر،
ڪندين ڪونئي آدر ٻيا اصلي نرادر.
ڪبوتر، ڪبوتر ...

## ۱۴- ضيا جو جواب!

ڪٿي نيٺ پيغام آيو ڪبوتر
ڪيو نيٺ لايو سجايو ڪبوتر!
ڪبوتر ......
۱- ڪبوتر ڇيو مون ڪئي ڏاڍي ڳولها
گهمين مون ڏٺا حسن وارن جا ٽولا
نظر اَول آيا، ڏاڍا مونکي رولا
مگر منهنجي مشڪل، ڪئي دور معوالي
سڄڻ نيٺ تنهنجو، سڄاتم سراسر
ڪبوتر ......
۲- ڪبوتر ڇيو ڏاڍي ڪاوڙ ڪيائين
غصي مان ٿي منهنجي پرن کي پٽيائين
اَڏامڻ جو تيزو ٿي مونکان کسيائين
مگر منت ڏاڍيءَ سان آخر ڇڏيائين
پڄي نيٺ آيو آهيان مان برادر
ڪبوتر ......

- جيائين اڄان آزمائيندو رهندس
ڪلائيندو رهندس، رئاريندو رهندس
ڏبا ٻي ڪندس ۽ ڏڪاريندو رهندس
جيار يندو به رهندس ۽ ماريندو به رهندس
ضيا وچ وڇين لون چنڊر کي خبر ڪر
ڪبوتر ......

### شعر

ڪارا وار هٽائي منهن تان، منهنڙو يار پسايو آ،
نهن جو چنڊ ڪڪرن مان، جڻ ٻاهر نڪري آيو آ.
ٽيوڪي ۾ سهڻي جو ٽيو، اهڙو حسن سوايو آ،
ته ڏسندي محبوب جي مکڙي کي شرمايو آ.
گلشن ۾ اڄ گلرو آيو آهه گلابي ويس ڪري.
يو ڪلين کي گلن، اسان جو سهڻو ساٿي آهـو آ.

## ١٥- ٽيو ڪسڻ جو شونق آ!

ٽلهه: اڄ منهنجي دل ۽ جگر کي،
ٽيو ڪسڻ جو شونق آ،
چو لـ لنهنجو ٽيو کهڻ وارا، اڄان نه احسان آ.

١- وار گيسو منهن تي ۽ پيا خال جا داڻا پيل،
مرغ دل جو اهڙي حالت ۾ بچڻ نه آسان آ.

٢- شڪر آهي جو نگاهه يار جي قابل ٽيس،

شڪر آهي جو ٽيهر نظر دل جو ٿيو خواهان آ.
٣- شيشهٔ دل هڪ طرف ۽ سنگدل آئينو ٻئي طرف،
ميل اهڙي ٿسي سراسر، اي ضيا نقصان آ.

## ١٦- سڄڻ دل آزاري آ!

ٽيڪ: منهنجي توبهه توبهه زاري آ،
ڏاڍي سخت سڄڻ، دل آزاري، آ.

١- نالي خدا جي تڪرار نه ڪر،
تون وصل وارو انڪار نه ڪر،
ذرا قياس ڪو دل ۾ ڌاريندو ڪر،
تنهنجي سوُرن منهنجي دل، ساري آ.

٢- ٻي قياس نه ٿي مندار منا،
سوين سوُر سڄڻ مون سر ٿي سنا،
ساري خلقت منهنجا حال ڏٺا،
هاڻي ڌار رهڻ دشواري آ.

٣- ضيا چوي! ويهون واهون منا،
ڪريان در تي مالڪ جي، دانهون منا.
منهنجو رب ته سڻندو آهون منا،
جيڪا ڪين ٻاڻ سيمگاري آ.

## ١٧- تنهنجي در تي ڪين اچبو!

ٿلهه: چڱو تنهنجي در تي ڪڏهن ڪين اچبو،
جي تون ڌار رهندين ته بس ڌار رهبو.
توکي منهن سان اڪر اصل ڪين چئبو،
پنهنجو پاڻ پلبو، پنهنجي دل کي جهلبو؛
چڱو توسان ڪوئي به رستو نه رکبو. ......

١- مون تو ۾ وفا کي وفادار سمجهيو،
وفادار ڇا! پر ٿي، غمخوار سمجهيو،
تنهنجي ظلم کي پڻ مون پيار سمجهيو،
مگر اهڙي دوکي ۾ هاڻي نه اچبو،
چڱو توسان ڪوئي به رستو نه رکبو. ......

٢- توکي حسن پنهنجي تي آهي وڏائي،
مگر سونهن تنهنجي نه رهندي سدائين؛
جي تنهنجي اچا پڻ هلي بي رخائي،
قدم سوچي سمجهي زماني ۾ کڻبو.
چڱو توسان ڪوئي به رستو نه رکبو. ......

٣- جي توکي وڻي ٿي نه منهنجي محبت،
منهنجي پيار ۽ باوفائي جي عادت،
ڇڏي ڏي مونکي ناهي تنهنجي شڪايت،
ضيا ماٺ ۾ رهبو ڪجهه به نه ڪڇبو،
چڱو توسان ڪوئي به رستو نه رکبو. ......

## ١٨- ڪھڙي ٻڌايان پنھنجي ڪھاڻي

ٿلھ : ڪھڙي مان ٻڌايان پنھنجي ڪھاڻي،
دل ۽ محبت جي جواني (ڪھاڻي)
دل کي وڃايم ڄاڻي واڻي – ھاءِ محبت ......

١- پرديسيءَ سان اک اٽڪايم،
اک اٽڪائي پاڻ اڙايم،
ٿي آھہ منھنجي ھاڻ پڄاڻي – ھاءِ محبت ....

٢- ناز واري جي ڏسي نزاڪت،
آندم پنھنجي سر تي آفت،
رنڌي رنڌي رات وھاڻي – ھاءِ محبت ......

٣- اھڙي دل ۾ باھہ ٻري آھہ،
اڄان ضيا ٿي ڪين ٻري آھہ
ڪين وسائڻ سان وسامي – ھاءِ محبت .......

## ١٩- نيڻ ڪٽي تون نھار!

دلربا – دلربا، تون نيڻ ڪٽي تہ نھار!

١- سھڻي صورت وارا سائين،
پنھنجي سڪ ۾ ڇو ٿو سڪائين،
ماڻن سان نہ ڪين مار – دلربا .. ...

٢- يا پل تنھنجا پوڙ ٻون ٿا،
نيڻ نماڻا روز روئن ٿا،
آھي تنھنجي پيار – دلربا .......

٣- دور سڄڻ ڇاڪاڻ رهين ٿو،
سار ضيا جي ڇو نه لهين ٿو،
پنهنجو منهن ڏيکار - دلربا .......

## ١٩- تنهنجي محبت ۾ !

ٽيڪ: ڇا ڇا مون ڪيو- تنهنجي محبت ۾،
دل جي دولت ويئي - تنهنجي محبت ۾ ...

١- تنهنجي خاطر سهڻا سائين!
تنهنجي دلبر ڪئي مون ڳولها،
خاڪ لڳن کي لائي - در در الک جڳائي،
آيس خدمت ۾ ...

٢- سانوڻ گذريو، ڦاڳڻ به گذريو،
گذري ويئي بهاري،
تو بن سهڻا! ڏينهن سڄو آ، تو بن رات انڌاري،
مار نه مون فرقت ۾ ....

٣- تو کان ساجن پيو نه گهران ٿي،
ڏي پنهنجي دل نشاني،
تو کي آهي الله وڌايو- قرب اهو ڪر جاني،
تنهنجي محبت ۾ ...

## ٢٠- دل کسڻ واسطي !

ٿلهه: دل کسڻ جي واسطي، حيلا هلائيندو ويو،
وات ويندي دلربا کيئن اک اڙائيندو ويو.

١- اوچتو اُي اوچتو دل تي لڳي ويو ڏاڙو،
مال سمجهي مفت جو دلبر ڦٻائيندو ويو.

٢- درد لڳم نه مونکي چاڻ هئي نه واقف هوس،
اَج تئين سر سوز کان واقف ڪرائيندو ويو.

٣- حسن ۽ ناز تي دل کي ويو ديوانو ڪري،
مست اکين سان منهنجي من کي
ويو مستانو ڪري،
اي ضيا، مستي - ڀرا ڀرتي وڌائيندو ويو.

## ٢١- مران ٿو، ڪين مار!

مون چيو هڪ ڏينهن سهڻي کي مران ٿو، ڪين مار!
هن چيو توکي ڇوي ٿو ڪير وينو پاڻ ڳار.
مون چيو ڪيڏي مدت کان رهي ٿو انتظار!
هن چيو عاشق ٿيڻ چاهين لئه رهه پيو بيقرار.
مون چيو هيءَ بيقراري آهي مون لئه ناگوار!
هن چيو ٿو خفا مون کي ڪرين ٿون بار بار.
مون چيو هڪڙو دفعو پنهنجي ضيا سان ڳل گذار!
هن چيو مون کي نه مٺو آهي روءِ پيو پلي زار زار.

دلڙي نه ڪنهن سان اٽڪي،
جي اٽڪي نه لاچار ٿي ڀٽڪي.
نه پلجي ڪنهن سان دل کي لڳايو،
متان دل لڳائي مصيبت پائيو.
جو شل دلڙي نه ڪنهن سان اٽڪي.

## ٢٢- برسات جون راتيون هجن!

١- تون هجين ۽ مان هجان،
برسات جون راتيون هجن،
باغ ۾ پينگهه هجي ۽ ٻرهه جون ڳاليون هجن.
٢- مند هجي ۽ مان هجان، تون هجين گانو هجي،
ڪوڪو ڪوئل جي هجي،
بلبل سنديون ڳاليون هجن.
٣- تنهنجي اکين جي اشاري سان شل ڪجهي ويان،
تنهنجي نيڻن ٻرسايل قرب جون ڪاليون هجن.
٤- تون منهنجي سامهون هجين
۽ مان تنهنجي سامهون هجان،
خاص تنهنجون منهنجون
وڻ هيٺان ملاقاتون هجن.
٥- مان تو لاءِ ماندو رهان
۽ تون مون لاءِ ماندو رهين،
هڪ ٻئي جي لئه ضياءُ
دليون ٻئي آليون هجن.

## ٢٣- ڪلهو ڏيندين تہ خوش هوندين!

ٿلهہ : مٺي کان ٻوءِ جدازي کي،
ڪلهو ڏيندين تہ خوش هوندين
وٺي کي قرب وارا ٻاڻ سان،
ايندين تہ خوش هوندين!

١- اسين مهمان دم ٻل جا، اسانجي موڪلائي آ،
فراقي يار ٻہ ٽيڻي هيڏر ٻجاڻي جلدي آ،
ٻجاڙيءَ ٻہ اسان ٽي قياس آڻيندين،
تہ خوش هوندين.

٢- شهيد- ناز ٿيو آهيان،
ناز وارن کي هلڻ گهرجي،
اشاقن جي ڪلهن لي،
لاش منهنجو هيءَ هڻڻ گهرجي.
اهو انجام عاشق سان جي ٻاڙيندين،
تہ هوش هوندين.

٣- حبيبن جي گهٽين سان،
منهنجي ميت کي گهمائيندين،
پنهنجي در جي اڳيان،
منهنجي جدازي کي جهڪائيندين،
ضيا جو عرض، هيءَ سوڻا اڳهائيندين،
تہ خوش هوندين.

## ٣٤- وڃان ڪيچ ڏي ٿي ڪاهي !

ٽيڪ: مان نه ڪيچ ڏي وڃان ٿي ڪاهي اَديون !
هتان لاڳاپا سڀ لاهي اَديون !

١- پنهنجي خان کي ڳولهڻ وينديس مان،
پنهنجي خان کي پيٽي سڏينديس مان،
وري پنهنجي موٽي نه ايندس مان،
ڇو ته آس ملڻ جي آهي اَديون! مان نه ....

٢- ڇو ٿيون جهليو سرليون ڇڏي ڏيو،
اَٿي مان به وڃان، جتي پنهل ويو،
جنهن يار نه منهنجو آهي رهيو،
ان شهر ۾ هاڻي چاهي اَديون! مان نه ....

٣- پيل پير پٿون اڳ پٽ ۾ ٿين،
پيل نانگ بلائون ڏنگ هڻن،
پيل شينهن ضيا واٽن تي ملن،
موت کي خوف نه ڪنهن جو آهي اَديون!
مان نه ...

## ٣٥- ٻه ٿي ڳالهيون توسان يار ڪريان!

ٽيڪ: دل چاهي ٿي ته ٻه ٿي ڳالهيون،
توسان يار ڪريان،
توکي پاسي ۾ وهاريان ۽ توکي پيار ڪريان.

١- اڄ توکي حال پنهنجو مان ٻڌائڻ ٿــو گهران،
غير جو دل تي آهي تنهن کي مٽائڻ ٿو گهران.
مان تنهنجو آهيان توکي پنهنجو بڻائڻ ٿو گهران،
زر مال توتان گهوري لٽائڻ ٿـو گهران،
من اهڙيءَ طرح دور تو هجر جو آزار ڪريان.
دل ٿي چاهي ...

٢- تنهنجو مان آهيان خريدار، خبر ڪا آهيئي،
طالب ديد جو طلبگار، خبر ڪا آهيئي،
رات ڏينهن تنهنجي آهي تار، خبر ڪا آهيئي،
زندگي منهنجي ٿي دشوار، خبر ڪا آهيئي،
اڄ ته تو سان اءِ **ضيا** عشق جو اظهار ڪريان.
دل ٿي چاهي ...

## ٢٦- دلدار نه ڏي دڙڪا!

ٿلهه: دلدار نه ڏي دڙڪا، او شل جيئين،
مان ته يار اڳيئي لاچار آهيان،
بيمار آهيان - بيڪار آهيان،
تون ڪر نه خفا، ڪر ڳالهه صفا،
ڇڏ يار ڪٺي ڇرچا - او شل جيئين ...

١- هر هــر ڇو تو يــار هيسائين،
ڪرب وارن کي ايڏو ڪنبائين،
سڪ وارن کــي ايڏو سٽائين،

سرد وارن جو درد وڌائين،
ڪر حشر نہ تون برپا - او شل جيوين ...

۵- الڻ تو ڪي لال وڌايو،
چنڊ، ضيا جو رڪ تون رايو،
ڪينو نہ تو ڪي مون پاڏايو،
ٿيٽ ڪندين تون لايو سڄايو،
تنهنجي ڳالهہ رکيم هرڪا - او شل جيوين ...

## ٢٧- اِهو ڇا ؟

: آسان ڪي تو دلبر اُٿاريئن اِهو ڇا ؟
پس ڪي تو پير پر وهاريئن اِهو ڇا ؟

١- آسان ڪي چوين تو نہ ماڙي چڙهي وڃ،
آسان جي گهٽي ۾ پارو چڙهي وڃ،
بنان ڏوهہ جي تو ڌڪاريئن اِهو ڇا ؟

٢- خبر ناهي ڪن ڪير تنهنجا ڀري تو،
اچيو منهنجون توسان گلائون ڪري تو،
نہ پنهنجو ڪڏهن ڏيان ڌاريئن اِهو ڇا ؟

٣- جي ناراض ٿئين تو نہ ماڙيون چڙهيون ٿا،
اوهان جي گهٽي ۾ پاڙو چڙهيون ٿا،
ضيا لاءِ پارڻ تو پاريئن اِهو ڇا ؟

٣- ضيا لئي يا خدا هڪڙي ڀلائي مهرباني ڪر،
فضا اُن رستي جي مدهوش ڪر جنهن تان،
اچي دلبر،
سگندس پيرن جي ڪڙڪي جي نه ڪنهنکي ڪل،
پوي ڪنهن پار،
اها تنهنجي عنايت ٿيندي منهنجي واسطي بهتر،
چو نه هو نازڪ نازجو پاليل آدل پر خوف کائيندو.

## ٣٠- چو ٿا اوهين بيدرد بڻو!

ٽلهه: آهي دل پر اوهان جي پيار گهڻو!
نه پوء چو ٿا اوهين بي درد بڻو

١- مون سان قرب نه پنهنجو نڀيندا ڪريو،
ڪڏهن پنهنجي لڏي لئي سڏيندا ڪريو،
ڪڏهن مون وٽ پڻ اوهان ايندا ڪريو،
چو نه مونکي اوهين ٿا ڏاڍا دوست وڻو.

٢- نکو خط ٿا لکو، نکا ورندي ٿا ڏيو،
چو ٿا سڪ وارن سان ائين سخت ٿيو،
مٺا واجب ناهي اوهان کي ائين،
جڏهن قلم ۽ ڪاغذ به ته هٿ پر ڪٿو.

٣- ڪجهه پنهنجي ضيا سان ڀلائي ڪريو،
ڪين قرب وارن سان ڪچائي ڪريو،

جو تنا جانب ايڏي جدائي ڪريو،
تنهن ڪان ڪالي ڪٽي منهنجي ڪنڌ تي هٿو.

## اڪ ساجن توکي ٿي ساريان!

۱ : رئندي رئندي راهه گذاريان
ساجن توکي روز ٿي ساريان!
ڪيئن ڏکيا تو بن گهاريان،

- ايندين پنهنجا پال پلائي،
موٽڪي تنهنجي ياد ستائي،
ٿيا ڪيئون ٿي راهه نهاريان،

ساجن توکي ...

- آندر جو آئيني ڪهڙو رايو،
خط نه سنيهو تنهنجو آيو،
آپ اکين مان وهندي هاريان.

ساجن توکي ....

. گهٽا سال ٿيا آئم سڪندي سڪندي،
ضيا ياد ۾ تنهنجي لڇندي لڇندي،
توکي پل پل پيئي پڪاريان.

ساجن توکي ...

## ٣٢- خنجر وهائڻ جي عادت

ٽلهه : ٽوڪي آهي خنجر وهائڻ جي عادت
مونکي ڀي آهي سر ٽوڪي ڪپائڻ جي عادت
مان آهيان دل کي لڳائي ٿو ڄاڻان،

محبت ۾ سڀ ڪجهه وڃائي ٿو ڄاڻان،
جدائيءَ ۾ دل کي جلائي ٿو ڄاڻان،
چريو پاڻ کي مان بڻائي ٿو ڄاڻان،
عقل هوش پنهنجو گنوائي ٿو ڄاڻان،
هجر ۾ مان هستي مٽائي ٿو ڄاڻان،
پتنگ مثل دل کي ٻرائي ٿو ڄاڻان،
پنهنجون حسرتون سڀ دٻائي ٿو ڄاڻان،
بڻي جوڳي دونهين دکائي ٿو ڄاڻان،
صدا ڪنهن جي در تي لڳائي ٿو ڄاڻان،
جي اک کو ملائي ته ملائي ٿو ڄاڻان،
پڪو پيار جو پيچ پائي ٿو ڄاڻان،
ڪنهن جي عشق ۾ گيت ڳائي ٿو ڄاڻان،
محبت جي مرلي وڄائي ٿو ڄاڻان،
وفاداري جو به دم لڳائي ٿو ڄاڻان،
ڪنهن سان ٽوڙ ٽائين نڀائي ٿو ڄاڻان.
راهه عشق ۾ پير پائي ٿو ڄاڻان،

ساڃاهه کي مان وساڻي ٿو جانان،
پريشاني پنهنجي وڌائي ٿو جانان،
خوشيون راحتون سڀ مٽائي ٿو جانان،
ضيا درد دل ۾ دٻائي ٿو جانان،
هوا ۾ نه آن جي ڪرائي ٿو جانان!

ٻلي ڏس ضيا کي سچ کي آزمائي
جي لوکي ٻي آ، آزمائڻ جي عادت،
توکي آهي خبر...

## ٣٣- توکي ملڪن ۾ مشهور ڪندس!

ٿلهه: تنهنجون ڳالهيون سڀڪنهن سان ڳائيندس،
توکي! پل پل ڪين ڀلائيندس.

١- توکي ملڪن ۾ مان مشهور ڪندس،
تنهنجي نينهن جو نعرو لڳائيندس
تنهنجي سونهن کي پيو ساراهيندس،
تنهنجي حسن ادا کي هر جا ڳائيندس

تنهنجون....

٢- تنهنجون ڳالهيون ڪندس مان يارن ۾،
تنهنجو ذڪر ڪندس دلدارن ۾،
تنهنجي هاڪ ڪندس هاڪارن ۾،
تنهنجو جڳ ڪٿ شان وڌائيندس،

تنهنجون...

٣- تنهنجون ڪجهل ٻڌا هي ڪاريون اکيون،
جيڪي آهن تنهن جهڙيون لڪيون،
اها ڪار ڪجهڻ جي ڪنهن کان سکيون،
تنهنجي اکين کي مان ته سمجهائيندس،
تنهنجون ....

٤- مون کي تنهنجي جوانيءَ ڪاريو آهه،
ضيا پيار ڪرڻ سيکاريو آهه،
مون کي تنهنجي محبت ماريو آهه،
تنهنجي قرب ۾ پاڻ کهائيندس.
تنهنجون ...

## ٣٤- نگاهي - يار هجي!

ٿلهه: ڪليجو منهنجو هجي ۽ نگاهي يار هجي،
ڇٽي جو تير ته سيني کان آر پار هجي.

١- اها ته طالبي ديدار جي تمنا آ،
نگهائون منهنجون هجن ۽ جمالي يار هجي،

٢- شرابي - عشق پيارڻ گهرين تو اگر ساقي،
انهيءَ شراب جو مونکي دائما خمار هجي،

٣- اچي مزو تــو ضيا اهڙو انتظاري ۾،
خدا ڪري ته سلامت سو انتظار هجي.

# ماسٽر چندر جي سنڌ يءَ سان

# روح رهاڻ

## ٣٥- هوشيار سنڌي !

ٿلهه: هر فن ۾ آهن - سڀ هوشيار سنڌي
وفائيءَ جا پتلا وفادار - سنڌي

١- شهيدن ۾ هاسل ڪنور ۽ ڪالاڻي
فقيرن ۾ روچل - وسڻ - واسواڻي
امرلعل - سوامي - آنبو - نيڻراجا
ڏيعون - ليکڻون - هرچو - جيسل گلراجا

ڀيرديوي - رامل - جيوت يار سنڌي
هو هرداس - عيدن - قربدار سنڌي

٢- آچريه - ٽاراچند - چوئٿرام سنڌي
آ جيرام - پرتاب - گهنشام سنڌي
دڪيل ۽ هاسل - ضيا رام سنڌي
هو بيوس - عزيز ۽ پرسرام سنڌي

ڪناره ۽ نانڪ - ناري يار سنڌي
منگهارام جي، بي، ٻرد بار سنڌي

٣- غريبن جا ساٿي، آهن نرسنگهه گولاڻي
پرمانند هندوجا مرڳي اڏناڻي
کيالعل ڪٽواڻي - ايس - ايسراڻي
عطر سنگتاڻي - هوتچند آڏواڻي

ٻيو رامڪرشن آڏواڻي شيوادار سنڌي
۽ مينگهراج چاپريا، مددگار سنڌي

٤- اديبن ۾ اجواڻي ٻيا ٻئي ٻناڻي
خوشالاڻي - ڪندلاڻي - ٻئي ناگراڻي
ديوان ڪوڙومل - جيٺمل - ڀمبواڻي
مالهي - لعلچند - پرسيمل آڏواڻي

۽ رام جيٺملاڻي علمدار سنڌي
قلم جا سي قابل قلمدار سنڌي

٥- دنيا ۾ جي ديسن ۾ سنڌين جا ديرا
ڏيساور لنڊن ۾ ۽ ايران ۾ ڏيرا
ڏسو آمريڪا ڏسو آفريڪا
جپان چين جاوا يا جرمن جاڪرتا

واپاري ٻڻي ڪن ٿا وهنوار سنڌي
هر ڌنڌي ۾ آهن خبردار سنڌي

٦- ڏسو علمي دنيا ۾ الڪٽر به سنڌي
ڊئريڪٽر يا ميوزڪ ڊائريڪٽر به سنڌي

سـريلو بلي ٽڪ سنگر بہ سنڌي
ڪاميڊين ۾ ڀهريون هو نمبر بہ سنڌي
ادائن ۾ عاقل اداڪار سنڌي
ڪويتا ۾ قابل قلم دار سنڌي

ـ ڪو مرلي ڪو مرڌنگ ڪو ٽڪو وڄائي
ڪو وائلن لي واڄٽ وڄائي ۽ ڳائي
ڪو ست تار ڪتار جي ڌن ٿو لڳائي
ڪو سرگم سان ٽانون سريليون سڻائي
هزارن ۾ هوندا ڪلاڪار سنڌي
موسيقيءَ ۾ بہ ماهر مهندار سنڌي

ـ ڪي انجنير ڪي انسپيڪٽر بہ سنڌي
مئجسٽريٽ منشي ڪليڪٽر بہ سنڌي
گورنمنٽ ۾ آھ گورنر بہ سنڌي
ڪوميٽي ۾ حاطي ممبر بہ سنڌي
سپاهي ڪماني صوبيدار سنڌي
وڪيل ڊاڪٽر آهن اڪيچار سنڌي

ـ ٽرو ريل بس ۾ آ ڊرائيور بہ سنڌي
ٽڪيٽن لئہ ٽي ٽي ڪنڊيڪٽر بہ سنڌي
دڪان جو آ مالڪ ۽ نوڪر بہ سنڌي
ڪري گهور ر ڳالهن ۾ ڇوڪر بہ سنڌي

پنھنجو پاڻ سان آھن مددگار سنڌي
آ ٻئنڪر نہ سنڌي ۽ قرضدار سنڌي

۱۰- پياسن کي پاڻي پيارين ٿا سنڌي
جدا جيءَ ڪيئي نہ جيئارين ٿا سنڌي
ڌرمشالا ۽ مندر ٺھائين ٿا سنڌي
لٽي گھر کي ميلا لڳائين ٿا سنڌي
اھو ڪن ٿا دن رات اپڪار سنڌي
غريبن جا سي آھن مددگار سنڌي

۱۱- پراون کي پنھنجو ڀائين ٿا سنڌي
سنگت توڙ ناتين نڀائين ٿا سنڌي
پنھنجا سور دل ۾ سمائين ٿا سنڌي
نہ ٻئي ڪنھن کي کولي ٻڌائن ٿا سنڌي
پڇو جا ٿا آھن سي غمخوار سنڌي
سدا خوش گذارن ٿا من ٺار سنڌي

۱۲- ھتي جن جا ھر سال لڳندا ھا ميلا
ھتي سيٺي لوڪل ٻروڪٽن پيا ڪيلا
ھتي جن جي در تي ھزارن ھئا چيلا
ڪساڻي ٻڻي ھت ڪڏھن و ينا چيلا
سيٺين کي چون ٿا نہ نادار سنڌي
مگر ڪو سمو ھو ھا زردار سنڌي

— وطن لہ ڄمائي سنڌي آيا الاهي
وٺي جن ڦٻري ڇڏي پاتشاهي
وطن جي لڙائيءَ جا گهايل سپاهي
سنڌي صرف آهن جنجو واهي نہ واهي
ڇا پارت ۾ ناهن حصيدار سنڌي؟
سچ نہ تہ تاج هند جا آهن حقدار سنڌي!

— تہ جيڪي قربان سي ڪائن ڏڪا ٿا
سو جن سنڌين اڄ لڳن سي ڦڪا ٿا
سو جن نہ ڪجهہ پڻ اڏائين مزا ٿا
پٺتي جي بدلي ڏين بس سزا ٿا
هو سمجهن ٿا آهن هي بيڪار سنڌي
مگر سچ پڇو آهن وفادار سنڌي

— حڪومت جي مجلس ۾ هر قوم هوندي
مگر تن ۾ نہ هوندو قربدار سنڌي
ڪمائن ٿا رهڻي لئي رهيو هتان جا
ڪري پنهنجو رهڻي لئي واپار سنڌي
حڪومت جي طرفان آهي روڪ جم لئي
مگر ان مان ناهن ٿا ٿي چار سنڌي

١٦— ڪري ڪو ڏيکاري هندي پاڻ فتشن
هيٺ ڪن ٿا صفائي عيسائين سينگار سنڌي
وهي گهر سنڌين جا گهمي سو ڏسي پيل
سجاوت ۾ هوندو نمبروار سنڌي

وطن لءِ ٻاڳي سنڌي آيا الاهي
وٺي جن فقيري ڇڏي پاتشاهي
وطن جي لڙائيءَ جا گهايل سپاهي
سنڌي صرف آهن جنجو اوهي نہ واهي
ڇا پارٽ ۾ ناهن حصيدار سنڌي؟
سچ نہ تاج هند جا آهن حقدار سنڌي!

تيا جيڪي قربان سي ڪانہ ڏڪا ٿا
سندن جي سنڌين اڄ لڳن سي ڦڪا ٿا
سوچن نہ ڪجهہ ٻي اڏائين مزا ٿا
ٻڌي جي بدلي ڏين بس سزا ٿا
هو سمجهن ٿا آهن هي بيڪار سنڌي
مگر سچ پڇو آهن وفادار سنڌي

حڪومت جي مجلس ۾ هر قوم هوندي
مگر تن ۾ نہ هوندو ڪربدار سنڌي
ڪمائن ٿا رهڻي لئي رپيو هتان جا
ڪري بس رهڻي لئي واپار سنڌي
حڪومت جي طرفان آهي روڪ جن لئي
مگر اڄ مان ناهن ٿا ٿي چار سنڌي

ڪري ڪوڙيڪاري هندي پاڻ فتشن
هنر ڪن ٿا صفائيءَ سان سينگار سنڌي
وڃي گهر سنڌين جا گهمي سوڏسي پل
سجاوت ۾ هوندو نمبروار سنڌي

نه پاڪيٽ ۾ پئِل هجي هڪ ٻه پائي
سچائي ۾ سيٽبيل هوندو يار سنڌي

۱۷- دنيا ۾ جا سهڻا ڪنا پئِل ڪريو ٿو
حسين ۾ هوندو سو سردار سنڌي
چندر چنڊ تائين اگر ڪو به پهتو
نه سمجهيو سو هوندو پهريون يار سنڌي
زمين چنڊ تي جي ٺهيا گهر اڏاريون
نه آلي هر شيءِ جو هوندو دڪاندار سنڌي

۱۸- گلن سان گڏ هڪ ٻه اوڳڻ رهن ٿا
سنڌي ٿي سنڌين کي نه هرگز سهن ٿا
فقط نالي خاطر مرن ٿا ڳهن ٿا
نه پالجي عزيزن جي سڌ ڪا لهن ٿا
گلن کي ٿا سمجهن ڪندا خار سنڌي
نه نه نه هر طرح آهن سي هوشيار سنڌي

۱۹- سنڌي ٿي سنڌين کي ٿا ڪاٽين عجب آ
چڙهيل کي ٿا منزل تان لاهين عجب آ
ٻ جي پائون سان ٿا پائن عجب آ
نه پالجي چندر پاءِ پائن عجب آ
اهو ڪن ٿا اُبتو سو وهنوار سنڌي
نه نه نه هر طرح آهن خبردار سنڌي

# سنگيت ڪار ماسٽر چندر ۽
# گيت ڪار پرسرام ضيا

سنڌ سڳوريءَ واپاري وڻجارن کان سواءِ صوفي سنتن، درويشن ۽ فنڪارن کي به جنم ڏنو آهي. جن خالق جي بندگيءَ سان گڏ اُن جي مخلوق کي انسانيت ۽ امن جو پيغام ڏنو آهي.

انهن فنڪارن ۾ هڪ جوڙي هئي ماسٽر چندر ۽ شاعر پرسرام ضيا جي. جي لڳ ڀڳ اڌ صديءَ تائين سنڌي سنگيت ۽ شاعريءَ تي ڇانئيل رهيا.

ڪلاڪار سرسوتي ديويءَ جا اپاسڪ ٿيندا آهن. تن جي ديوي لڪشميءَ جا اپاسڪ به هنن جي اڳيان سجدو ڪندا آهن. ڪلاڪار يا فنڪار جو جيون سنگهرش ۽ ساڌنا جو سفر هوندو آهي. اُن سفر ۾ انيڪ اڻانگها پيچرا، راهون، لڪ لنگهڻا پون ٿا پوءِ به ثابت قدم رهڻو پوي ٿو. آزمائشي دؤر ڏسڻا پون ٿا، ليڪن قدمن ۾ ڪابه لرزش نه ايندي. ڇاڪاڻ ته هو پنهنجي جاتيءَ ۽ يڳ جا علمبردار ٿين ٿا. سرسوتي ديويءَ جي اپاسنا ۽ انهي آسيس سان هو ڪلا ۽ سنسڪرتيءَ جي ماڌيم سان جاتي ۽ سماج جي وڪاس ۾ نوان ماڳ استاپت ڪن ٿا. هو پنهنجي وهنوارن ۾ قلم ۽ واڻيءَ جي يوڳ سان سماج

جي ترجماني ڪن ٿا. مثال ڪري ڪلا سماج جو درپڻ يا درسني آهي.

ڪلاڪارن ۾ شاعر به اچن ٿا ۽ ڳائڪ به اچن ٿا. شاعر سرجڻ ڪري ٿو ۽ ڳائڪ ان ۾ سُر ڀري ٿو.

شاعليندر هڪ ڀيرو لتا منگيشڪر کي چيو هو، "تو ڳا ۽ ميرا گيت امر هو جائي."

ضيا جي گيتن ۾ چندر سُر ڀريا ۽ ٻئي امر ٿي ويا. چندر چنڊ کي چوندا آهن. چنڊ جي مهما ان ڪري آهي جو هو رات جي اونده کي پنهنجي پرڪاش سان دُور ڪري ٿو. چنڊ ۾ سج جي تابش جي بدران سيتلتا هوندي آهي جو رُوح کي راحت ڏيندي آهي.

چنڊ پريمين جو پرتيڪ ۽ پيار جو پيامبر آهي. هن جي چانڊوڪيءَ ۾ هڪ عجيب ۽ انوکي ڪشش آهي. ان ڪري پيار جي مجسم تاج محل کي پورڻما جي چانڊوڪيءَ ۾ ٿي رسڪ ۽ پريمي جوڙا ڏسڻ لاءِ ڪٿان - ڪٿان کان آگري ويندا آهن.

ضيا جو مطلب آهي 'پرڪاش'. قدرت چنڊ ۽ پرڪاش جي جوڙي "چندر ۽ ضيا" جهڙي رُوپ ۾ ملائي ۽ ٻنهي جو رشتو اٽوٽ رهيو.

منهنجو سنڌ جي هن مانائتي جوڙيءَ سان سنڌ کان ئي ناتو هو. ٻنهي جي ويچارن ۾ يڪجهڙائي

هئي. ٻئي همعصر، همدم ۽ همعمر هوندي به ڪي قدر مختلف هئا. ٻئي درويش صفت هئا. گهر گرهستي وارا هئا. ڪرم يوگي هئا. پنهنجي دور جا سنگيت ۽ شاعريءَ جي کيتر ۾ يگ پرورتڪ هئا. سڀ کان وڌيڪ هو سواولمبي هئا

سنڌ ۾ عام ماڻهو لوڪ سنگيت ۽ ڀڳت جا مشتاق هوندا هئا. دکايل به لوڪ سنگيت جي ماڌيم سان راشٽر پريم کان انساهت ٿي قومي ترانا ڳايا، ليڪن اهو به هڪ محدود طبقي تائين هو. سنت ڪنورام، ڀڳت موٽڻ ۽ ڇيوٽي پائي وانگر هڪ نرالپ سان ماسٽر چندر سنڌي سنگيت کي هڪ نئون موڙ ڏنو. ماسٽر چندر سنگيت جي دنيا ۾ چمتڪاري ڪلاڪار بڻجي آيو. هڪ نئين انداز سان ۽ پنهنجي مخصوص شيليءَ ۾ هن سرل سنگيت سان سنگيت پريمين کي منتر مگڌ ڪري ڇڏيو. سنگيت کي هڪ نئون اعزاز ۽ شرف عطا ڪيو. طوائفن ۽ رئيسن جي ادارن ۽ محفلن مان سنگيت نڪري شهر - شهر، ڳوٺ - ڳوٺ تائين پهتو. عوام انهو دل کولي سواگت ڪيو. کليل ميدانن، سماروهن، ڌرمشالائن، وڏن مندرن، چبوترن، ميلن، ورسين، قومي، سماجڪ اتسون ۾ سنگيت جي ڌارا جاري ٿي وئي. هز ماسٽرس وائس جي آغاز سان سنگيت جي دنيا

۾ هڪ نئون آغاز ٿيو جنهن انقلاب آڻي ڇڏيو.

پنڊت ڪنور رام صاحب کان پوءِ سنڌين ۾ جو هر دلعزيز گائڪ بڻيو ماسٽر چندر. گراموفون- رڪارڊ ڊيلرس جي هر شهر جي دڪان تي دلڪش ڇپري وارو، شيرواني ۽ ملبوس مشڪندڙ مکڙي واري ماسٽر چندر جي تصوير ازخود ڌيان ڇڪيندي هئي. گراموفون تي سُئيءَ سان وڄندڙ رڪارڊ مان ڪنن ۾ سريلو آواز گونجيو هو:

"ڪجهه نه پلا ڏي يمر سجڻ ڪجهه نه پلا ڏي ...."
"رس نه رسڻ ۾ ڇا آهي راڻا...."
سهڻا عرض آهي، دل جو مرض لاهه ....
اُن بعد هڪ لنبو سلسلو آهي "ڪبوتر ڪبوتر...."
خبر هيءَ ڪٿي واچ عقل جا اڪابر ... هندستان ڳولي ۽ ڳوليم پشاور ..... عشق جي اتهاس ۽ جاگرافي جو مرڪب سمايل هوندو هو انهن گيتن ۾ ...

چندر جا رڪارڊ ڪرسن ڪيڪن وانگر وڪامندا هئا. ڏور ڀرارتيءَ جا اوجهه ... غريب هاريءَ کان وٺي زميندار، وڏيري، ديوان، ماسٽر، پروفيسر، گهوڙيو، دڪاندار، هر طبقي جو سنڌي سنگيت پريمي ماسٽر چندر جي نئين رڪارڊ لاءِ منتظر رهندو هو. محفلن ۾ ڇانئجي ويندو هو. رات جو ۹ - ۱۰ بجي کان آڌي رات يا بعضي اسر- پرڀات

وٽي، ماڪ جي ڦڙن سان ٻهل گلن جي خوشنما ماحول ۾ ”سنگيت ڪوُل“ چندر سڀي سنگت ۾ هڪجاءِ ٻري چڙهندو هو. تازگي ۽ طراوت سندس خوبصورت چهري تي لوڪ پريتا جي پرڀرتا ۽ پيار سان نمايان هوندي هئي، ٿڪاوت جو نشان به ڪونه هوندو هو.

ان ريت ورهاڱي کان اڳي خواه بعد ۾، ماسٽر چندر سنگيت لاءِ ئي سمرپت رهيو. سنگيت سندس ساڌنا به هئي ۽ روزيءَ جو وسيلو به.

ٻنهي هڪ ٻئي سان نڀاهيو. اڄ سندس سپاٽر سندس پرمپرا کي نڀاهي رهيا آهن.

”هز ماسٽرس وائس“ جي سڀ کان مقبول گائڪ جي روپ ۾ ماسٽر چندر (بذات خود شاعر هوندي به — چندر تخلص .... مثال طور:- ”چندر ته آهه، چريو پلا چرين جي دل ۾ ڇا ڪجي...“ وغيره).

سنڌ جي انيڪ شاعرن جي رچنائن کي پنهنجي سنگيت سان سنواريو جن ۾ گهڻي ڀاڱي هن دڪاپل جا گيت رڪارڊ ڪرايا ... پر سرگواسي پرسرام ضيا جي اچڻ بعد جڻ ”سون تي سهاڳو“ ٿي ويو.

ضيا صاحب تخلص به چونڊي رکيو هو. قدرت هن جي اندر ۾ دل ۽ دماغ ۾ سوجهي جو پرڪاش ڪوٽان ڪوٽ ڀريو هو. هوُ نه رڳو صاحب سخن هو

پر سنڌ ۾ بيوس ۽ عزيز کان پوءِ سنڌي نئين ڪوتا جو باني هو. بيوس، عزيز ۽ ضيا جي آزمودي "سنڌي ڪوتا" کي هڪ نئون موڙ ڏنو جو ورهين تائين نون شاعرن جي رهنمائي ڪندو رهندو، انهن چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ ڪونهي.

ضيا صاحب ڪو عالم ۽ فاضل ڪونه هو. پر هن کي الاهي ڏات عطا ٿيل هئي. چند سالن تائين انيڪ شاعرن جا گيت ڳايا ۽ ڦهلايا.. ليڪن ضيا جا ڳايل گيت هڪ جاوداني ۽ جادوبياني جا مرڪب هئا جي اڄ به لوڪ پريه ۽ روح کي رجهائين ٿا.

اڪثر هرڪو سنڌي شاعر اباڻي ملڪيت تي ٽڪيو آهي. ضيا صاحب کي نه وراثت ۾ ڪجهه مليو نه وري پاڻ ئي ڪو ٿونگر هو. دل جو ۽ لفظن جو بادشاه هو. فقيريءَ ۾ به اميريءَ جو لطف مائيندو رهيو. طبيعت جو به مسڪين نه آرٿڪ طور به تنگ دستيءَ ۽ بدحاليءَ ۾ اڪثر مبتلا رهيو. پر شڪوه - شڪايت کان ڏه ڪوهه ڏور. شايد ان صبر و استقلال ۽ خودداريءَ سندس قلم کي اهڙو جلوو عطا ڪيو جو هن هرهڪ رچنا کي "شاهڪار" بڻائي ڇڏيو. ١٩٥٣ ۾ "استالن" ۽ ان بعد "امن" تي رچيل سندس ڪوتائون وشو ساهت جي اهڙن رچنائن ۾ شمار ڪيل آهن.

سنڌين جو مجسم - سنڌي روايتن جو جيئرو جاڳندو روپ سندس شخصيت ۽ وهنوار ۾ ملندو هو.

انيڪ مشڪلاتن ۽ ناموافق حالتن ۾ رهندي هن سنتوش ۽ شرافت جو دامن ڪين ڇڏيو. هُو سرشتا ۾ هو ته ڪرشتا ۾ هو. هن علم عروض جو مڪمل ابياس ڪري چند سڳند سان نئين سنڌي شاعريءَ ۾ هڳاءُ پريو ۽ انيڪ نون شاعرن جي رهبري ڪئي. جن مان ڪيترا اڄ استاپت ۽ مشهور شاعرن جي روپ ۾ سنڌي ادب جو خزانو مالا مال ڪري رهيا آهن.

سياءَ جو رلڻو ملڻو هو. سندس صحبت ۾ هڪ انوکو آنند محسوس ٿيندو هو. هن جي جيون جو مقصد ٿي هو "ڪوتا". ڪوتا ۽ جيون هڪ روپ ٿي ويا. اڄ ڪاليج جا وديارٿي ضيا جي ڪوتائن جو ابياس ڪري لاڀ ۽ ثواب پراپت ڪري رهيا آهن.

پراچين سنڌي ڪوتا جي ترهوُرتيءَ ۾ سامي صاحب ويدن جي واڻي سنڌيءَ ۾ سٽائي. ڌرماتما ضيا "سکمڻيءَ جو شاز سنڌيءَ ۾ سٽايو" نه رڳو سکمڻي پر گيتا جو مرم به سنڌيءَ ۾ سٽايو. سنڌيءَ ۾ "گيتا" جو الٿو ڪري عام سنڌين سان هن وڏو وڙ ڪيو جو اڄ به گيتا جهڙي نيتي شاستر جو گيان

سولي نموني پراپت ڪري سگهجي ٿو ۽ پڙهجي
جيون ۾ هنڊائي سگهجي ٿو. پنهنجي ڳرنٿن جو ترجمو
پڙهڻو ۽ معنيٰ پرپو ڪيل آهي.

ضيا صاحب جي اندر ۾ آتما ڇوليون اٿنديون
هيون. ان ڪري انهن کي هُو قلمبند ڪري ڳهاڳڙ ۾
ساگر ڀريندو هو.

”جو دل ۾ آهه زبان سان چوڻ اچيم نٿو،
هزار آرزو آهن، ڪجهڻ اچيم نٿو.“

تصوير احساس، ادبي گل ڇهڙا شاهڪار رچڻ
واري ضيا جي انعامن سان قدرشناسي ٿي. ليڪن
زندگي ساڻس وفا نه ڪئي. جيڪڏهن هُو صاحب
١٠-١٥ سال وڌيڪ زنده هجي ها ته سنڌس ڪلام
۾ جيڪا زبانداني، محاوره بندي ۽ سلاست ڪانسواءِ
پيچيدن خيالن کي صاف ۽ سول سنڌيءَ ۾ سلجهائڻ
جي جيڪا ادبيت قوت ۽ تخليقي ملاميت هئي،
اها سنڌي ڪوتا جي خزاني ۾ اَمول رتن ڀري ها
۽ ”سنڌي ڪوتا“ کي وشو ڪاويه ساهت ۾ هڪ
مخصوص درجو عطا ٿئي ها.

ڪوتا جي ماڌيم سان ضيا هر وشيه تي طبع آزمائي
ڪئي ۽ خوب وچڙا ڪئي. هُو سچي اَرٿ ۾ جنتا
جو شاعر هو. هُو عوام جو آواز هو. هن ديش، سماج
جي اندر وياپڪ ڀرشٽاچار جــي هڪ درشٽا وانگر

اُڪٽي ڪئي ۽ آگاهه ڪيو. سماجي وڏوسٽا تـي طنز ڪندي لکيائين :-

"ڪيترا ڪن ٻـار آيائن ٻلي،
ماءُ جي لولي نه تن کي آ ملي."

مهاتما گانڌيءَ جو سچو پوئلڳ هو. سوراج کي رام راڄ سان ڀيٽ ڪندي ٻاپوءَ چيو هو ته غريب جي اک جا ڳوڙها اگهڻ سان ئي سوراج جـو اُديش کي قدر پورو ٿي سگهي ٿو. هيءَ صاحب جي قلم ۾ ئي جنبش آئي. فرمائي ٿو:

"چشم پرنم، آه لب تي ۽ آئم چهرو اداس،
ٻيڪسي ظاهر ڪري ٿو منهنجو هي قاتل لباس!
علم ۽ تهذيب کي حاصل ڪرڻ مشڪل ٿيو،
هاءِ دنيا ۾ مون کي، اُٿي وڌڻ مشڪل ٿيو!

آسماني ستارن کي به مخاطب ڪري چوي ٿو:

ٻس بختي جي اونده ۾ اوهان ڪڏهن ستائي آ؟
اوهان بخشي غريبن کي ڪڏهن ڪا روشنائي آ؟

سنڌي ٻولي ۽ سيتا جي آئينده جي چنتا ۾ وياڪل هيءَ چوي ٿو:

ٻمٻئي ۾ الٽي گنگا ٿي وهي،
هر ڪو سنڌي، سنڌي ٻوليءَ کان ٿهي.
... ڪانوينٽ اسڪول ۾ ٻارن جي پيڙ،
جواب انگريزي ۾ هر ڪو لهي.

اهڙي طرح اجوڪي ريڪا ديکي ۽ نقلي شان تي چوٽ ڪندي لکي ٿو:

أصل وسريو نقل لئي ڪن ناز ٿا،
ڪن ٻراوا پر ڪٽي پرواز ٿا.
حقيقت جي منزل تان انسان ڪري پيو،
فقط ڏيکا ڏيکي لئي هرڪو هري پيو.

رنج ۾ به راحت - سنتوش ۽ تحمل جو درويشي ۽ عالماڻو خيال:

رنج ۾ راحت اچي فرقت ۾ ٿي فرحت اچي،
مان اهو آهيان، ٿي جنهن کي دردن ۾ لذت اچي.

خود ضيا صاحب چيو، "منهنجا منٽري ۾ منڙا گيت آهي آهن جي درد ڀريو داستان ٻڌائن ٿا."

ضيا صاحب آشاوادي شاعر هو:
"نراشا نربلن جي آ، ضيا ٻلوان جي آشا،
جو ناممڪن اڪر آهي، اهو ممڪن بڻائيندس."

سنڌ ۾ به ضيا صاحب لاءِ صدق ۽ عزت آهي. سندس شعر، اهل سخن عقيدن سان پڙهندا ۽ ڳائيندا آهن. سرهائيءَ جي ڳالهه آهي جو سنڌيت جي پرستارن جو ضيا صاحب جي سپتر ياءُ نارائڻداس "ماستر چندر ۽ ضيا" جي ياد ۾ هيءَ سنگيت محفل جو آيوجن ڪري سنڌي سنسڪرتيءَ جي مايه ناز علمبردارن ڏانهن پنهنجو فرض خوبصورت نوع ۾ نباهيو آهي. اهڙا ميلا ۽ سماروهه هر سال لڳائي "سنڌي سنگيت ۽ ڪولا" لاءِ عوام ۾ اتساهه ۽ شعور وڌايو وڃي. مبارڪون! آمين!

[ ٿهلرام آزاد ]

## "BY MAHTAB MAHBOOB
## PAKISTAN SIND"

جڏهن کان دادا چندر "سُر ۽ ساز" جي دنيا ۾ پنهنجو مبارڪ قدم رکيو آهي، تڏهن کان ئي هو هر دؤر ۾ عظيم ۽ مقبول گائڪ ليکيو ويو آهي. اهو اعزاز گهٽ فنڪارن کي حاصل آهي ته. ته سنگيت ڪلا اهو ساگر آهي جنهنجي من پاتال ۾ سوين ماڻڪ موتي لعل پريا پيا آهن جنهنجو ڪو ڇيهه ئي ناهي. دادا چندر به انهن مان هڪ آهي. اسان سنڌين جي خوشنصيبي آهي ته اهو جواهر اسانجي حصي ۾ آيو آهي جنهنجي غير فاني ڪلا، سنڌ جي سينڌ ۾ سنڌور جيان چمڪندي رهي آهي.

هنجا گيت سنگيت، سنڌين جي رڳ رڳ ۾ سٽيءَ جيان سمايل آهن. ورهيه لنگهي ويا آهن پر دادا جو آواز اڄ به هرڪنهن لاءِ اِي اِنتها اُتساه جو باعث آهي. سندس سدا بهار آواز ۾ جيڪا دلڪشي ۽ حسن آهي، جا زيبت ۽ جواني آهي، سا دلين کي متاثر ڪرڻ کان سواءِ نٿي رهي.

هن جا امر گيت ڪڏهن ته ٻڌندڙ کي گهايل ڪيو ڇڏين ته ڪڏهن وري گهاوَن تي مرهم جو ڪم ڏين ۽ ڪڏهن لڙهن سنگهن چڪڻ ڪاڻ، سمورا ڦٽ اُکيڙيو

رکن. ٻڌندڙن جي دل ان مهل سڳنڌڪار چنڊر جي هٿ وس هوندي آهي. وٽس نه ماري وٺڻ نه جياري. ٻر کسر نفسي اها جو ٻاڪ ٻيو ڪيتن ۾ چڙندو آهي :

"مارين ٻيا جيارين ٻوڙين ترين ٻارين مٺا
تنهنجي مرضي"

هن هزارين گيت ڳايا آهن. اُن مان گهڻن کي وڏيڪ سارهاتا- ايتري آهي جيتن بيشمار ترو تازه گلن مان هڪ جي چونڊ ڪري انهن کي سارهاتا ڪل ته بهرحال سيتگي سهڻا ۽ وڻندڙ آهن. دادا جتا گهمنا ته گلن جيان آهن، جن جي خوشبو دادا جو نثر آهي.

**مهتاب محبوب** (حيدرآباد سنڌ)

---

## توکي ڇا ڪهي

ٽلهه : ڇڏ يلا دلدار توکي ڇا ڪهي - ڇا ڪهي....

١- گل ڪهي گلشن ڪهي يا باغ يا باغيچو ڪهي،
بنگلو، محلات ڪهي يا ان علم خالي هو ڪهي؟
ڇڏ...

٢- سنڌ جي وراثت وت يان راج هندستان جو،
روس رشيا آمريڪا يا چين انگلستان ڪهو...
ڇڏ...

٣- چنڊر پرمانند يان توکي ڪهي شايد ضياءَ
تنهنجي خدمت ۾ اچي، آهن لڳي حاضر ٿيا.
ڇڏ...

# جيءَ رامجي ڪـــي!

گلن جي سڪي وڃڻ تي گلن جي مهڪ ڪونه، ويندي آهي تهڙي طرح شري پرسرام ضيا هن دنيا ۾ خاص ڪري سنڌي سماج ۾ سدا مهڪندو رهندو چاڪاڻ ته هُو نه صرف هڪ ڪلاڪار هو پر گرهستي درويش ۽ صوفي سنت هو. اُن کي ڪلاڪار چوڻ هڪ مهان پرش جي بي اَدبي آهي چاڪاڻ ته سنتن جي واڻي تمام گهري ڳوڙهي رهس سان ڀريل هوندي آهي. تنهن جو اَرٿ ڪرڻ ڪنهن ساڌارڻ منشيه جي جاءِ نه آهي. ان ڪري هُو هڪ مهان رُوحانــي درويش هئا پــر سچا درويش ڪڏهن بـــ پنهنجي شهورت نه ڪرائيندا آهن. ان ڪري ضياصاحب هڪ اڪل لعل هئا پر سُورج کي ڪيترن به بادلن سان ڍڪيو ته ڍڪجي نه سگهندو آهي تهڙي طرح ڪو به مهان پرش لڪي ڪونه سگهندو آهي. هُو نه صرف درويش هئا پر تنهن سان گڏ سنڌي سماج جا هڪ مهان سيوڪ هئا ۽ جيڪا سيوا ڪويتا جــي روپ ۾ ضيا صاحب ڪئي آهـــي ڪو شايـــد ٻيو ڪري سگهندو ۽ اُن جي ڪلامن کي ساڪار روپ ڏيڻ وارو اَسان جو مٺڙو گايڪ ماسٽر چندر هئو. چاڪاڻ تـــه ڪٿهن به شعر يا ڪلام کي سچو رنگ آواز ســــان ايندو آهي. واڻي ضيا صـــاحب جي ۽ آواز ماسٽر چندر

جو ٻنهين گڏجي سنگيت جي دنيا کي هڪ نئون زندگيءَ جو لطف ورتايو. شل اسان جي سنڌي سماج جون ٻئي مهان آتمائون وري هن دنيا ۾ اچن ۽ ساڳئي نموني ساز ۽ آواز جو نئون هڪ باغ پوکين جنهن ۾ سنڌي سماج مهڪندي رهي.

اوم شانتي! بابا چندر ليکڪ

اجمير.

---

## "ماسٽر چندر جي صدا"

ٿلهه: وسارينداين جي تون مونکي ته دنيا پئي وساريندي
ٺڪاريندي جي تو مونکي ته دنيا پئي ٺڪاريندي

١- نظر هڪ رحم جي گهرجي نهاري ڪو نظر ڏاري
نهارينداين جي تون مون ڏي ته دنيا پئي نهاريندي

٢- اچايل آس ۾ آهيان ٻارج پريم جو ٻاٽي
ٻاريندين پريت جو ٻاٽي ته دنيا پئي ٻاريندي

٣- زماني جي نگاهن ۾ چندر جهڙي مٽي آهي
جياريندي جي تون مونکي ته دنيا پئي جياريندي.

---

# ٻه ڳل !

نرملا جو سمراٽ شري شنڪر ڀڳوان آهي جنهن، کي اسين نٽراج به ڪري چوندا آهيون ۽ اُن جي نرتيه ۽ ناچ تي ليٽي لوڪ شانت ٿي ويندا هئا ۽ وري مرلي. وادن ۾ شري ڪرشن ڀڳوان!

ڀڳوان شري ڪرشن مرلي جي مٺڙي آواز تي گوپيون جي سڌ ٻڌ ڀلجي ويندي هئي ۽ هوءَ ٽئي تي ڦلڪا ڇڏي، ٻارن کي اڌ ڇڳڙ ۾ ڇڏي ٻندرابن ۾ ٺڪنديون هيون ۽ راس ڪنديون هيون. مرليءَ جي آواز تي ڳائيون ۽ پکي پرندا به ناچ ڪندا هئا ۽ سڀجي ڪائنات ناچ ڪندي هئي. تهڙي نموني سنڌي جڳت ۾ ماسٽر چندر صاحب جي آواز جي لهر گونجي، سنڌ ۽ هند جي سنڌين جي دلين ۾ ڇانئجي وئي.

سنڌي هندو چاهي مسلمان، استري چاهي پرش ماسٽر چندر جي لاءِ ديوانا هوندا هئا.

اڄ به جڏهن نئين ٽهي وارا ماسٽر صاحب جو آواز ٻڌن ٿا ته انهن جي مک مان واهه واهه ۽ ساراهه نڪري ٿي. جيئن ڪبير ۽ پاٽيءَ جي دوستي اٽوٽ آهي، ڪبير پاٽيءَ کان ۽ پاٽي ڪبير کان الڳ نٿو ڪري سگهجي. تهڙي نموني ماسٽر جي آواز ۽ پرسرام ضيا صاحب جي ڪلام جي دوستي به اٽوٽ هئي.

ضيا جي ڪلام کي جڏهن ماسٽر جو آواز مليو ۽ ماسٽر چندر جي آواز کي جڏهن ضيا جو ڪلام مليو ته پئي سنڌي جاتيءَ جا ستارا ٿي پيا. اڄ اسين الهاسنگر واسي اهڙن ٻن مهان ڪلاڪارن ۽ فنڪارن جي ورثي ملهائي رهيا آهيون. جن اسين پنهنجي سنڌيت قائم رکي رهيا آهيون.

هرهڪ قوم جا ڪيترا هوندا آهن. سنت درويش اديب، شاعر، ڪلاڪار، ڪاريگر، ديش پريمي ۽ سورويرجن کي قوم هزارين سال زنده رهندي آهي.

سو اسان جي سنڌي جاتي ۾ بہ ڪيترا فقير درويش ۽ اعليٰ هستيون پيدا ٿيون جن جي ڪري اسان جي سنڌي سڀيتا ۽ ٻولي زنده آهي.

سو اسان کي فخر آهي جو اهڙن ٻن هستين جي ورسي ملهائي رهيا آهيون ۽ پنهنجي سنڌيت کي قائم رکي اڳتي بہ اهڙا ميلا لڳائيندا رهنداسين.

انهن ٻن هستين لاءِ وڌيڪ ڇا ذڪر ڪجي. اس صرف شرڌا جا بہ گل پيش ڪريان ٿو.

**سائين لڇمڻداس**

گرو گلراج آشرم، اوٽي سيڪشن، الهاسنگر-٣

# ”مسافر سان من لڳو“

همر - يا پسڻ پرين جو يا پرين سندي ڳالھ
اِنهن ٻنهي کان ڌار-ٻل قادر ڪنهن کي ٻه نه ڪري.

ٿلهه- من مسافر سان لڳو- موهي مونکي منٺار ويو
موهي مونکي مهمان ويو، مونکي ڪري حيران ويو

١ يار جي اکڙين ۾ شايد- ڳنگه دارونءَ جا هٽا
نينهن جا ڏيئي نشا-من ڪري مستان ويو.
من مسافر .......

٢ سهڻي صورت کي ڏسي-سڀ ڪجهه ويو منهنجي هٿان.
دل وئي ۽ جان وئي - دين ويو - ايمان ويو
من مسافر .......

٣ مان وسوري مورک ٿيس - ويسهه ڪري پيو ضيا
پر اُهو ويسهه وڃائي گهر ڪري ويران ويو.
من مسافر .......

## ”اکڙين جو الڪن“

جي اکڙيون ڪئين الڪن ها تہ پئدا پيار جو ٿئي ها
رهن خاموش ها، جي نظرون تہ هي آزار جو ٿئي ها.

۱- عجب آهير اکڙين تي - رنگ جن کان ويو وسري
بہ ٿي ٻي لڙڪ لاڙين ها - تہ دل تي بار جو ٿئي ها.

۲- هجي ها ماهرو پر پر - هجي ها خابرو ويجهو
تہ دل هيئن چانڊني راتين منجهان ائين بيزار جو ٿئي ها.

۳- ٿئي جي چاڙهہ سازي ها - تہ ڪو لاچار جو ٿئي ها
هجي ها انصاف جي ٿو وٽ - تہ ڪو بيمار جو ٿئي ها.

۴- جي منهن جي بي زبانيءَ مان - پروڙين حال دل جو ها
تہ منهن سان ڪجھ چوڻ جي لاءِ مون کي ويچار جو ٿئي ها.

۵- کوهيءَ سان هونئ سان مون - چشم قاتل کي ٿي للڪاريو
نظر جو تير نہ تہ منهنجي جگر مان پار جو ٿئي ها.

۶- وفا ڏاران جفا ملندي - نہ اڳير ڪل هئي مونکي
جي منڊ پر ٿي پڏائين ها - تہ توسان هي پيار جو ٿئي ها.

۷- ڪير لا انتها اُلفت - تہ اُلفت ٿي پيئي کلفت
نہ جي، گهرو ٿيان ها مان - تہ بيزار هو جو ٿئي ها.

۸- نہ موت آيو، نہ يار آيو - نہ دم نڪتو، نہ ارمان
جيئڻ دشوار جي ٿئي ها - تہ مرڻ دشوار جو ٿئي ها.

۹- بٺ منهن جي حڪايت آ - جو سمجهان ٿو پري ڪنهن کي
مقدر سات جي ڏکي ها - تہ ڪوئي هيئنئن ڏار جو ٿئي ها.

١٠- ملڻ ۾ ملندو، وڇوڙو آ - اُهو سمجهي ڇنو هونديون
مٺا نت وصل کان توکي - پلا انڪار ڇو ٿئي ها.
١١- ٻڌي مظلوم ظالم جو - وڏايو حوصلو مون ٿي
نہ اهڙي جي خطا ٿئي ها - تہ هي اتياچار ڇو ٿئي ها.
١٢- نوازش نازڪن جي آ - جي ڪنڊن ڪي ٻہ گلشن ٿا
هجن بيسود ها ڪنڊا تہ - ضيا گل سان سان خار ڇو ٿئي ها.

## ”پيار جي صدا“

طرز - زندگي هڪ چار دن پيار سي گذرنا:—
ٿلهہ - زندگي آهہ چار ڏينهن پيار سان گذار جي
عاشقن جي واسطي پيار دل ۾ ڏارجي
١- پاڻ کي سينگاريو ٿا - هرڪہ سڀ جو هاريو ٿا
ناز مان نهاريو ٿا - تير هٿي ماريو ٿا
جي مرن ٿا تيرن سان - ڇو نہ تن کي جيئارجي، زندگي ....
٢- دوستي جي لائجي - ڪين سا ٽڪائجي
پيار سان ٻالهائجي - دل سان دل ملائجي
اک سان اک اڙائجي - وائدن کي پاڙ جي، زندگي ....
٣- ڪن ٿا جيڪي انتظار - ۽ رهن ٿا بيقرار
جي ٿين ٿا عشق باز - رنجو غم ۾ دل نگار
ڪين رهجي تن کان ڏار - پر ۾ تن کي وهارجي، زندگي ....
٤- جيڪي دل ۾ ٿا لڪن - روز ضيا ٿا رڻن
منهن سان پر نٿا ڪڇن - ڏيڊ لاءِ ٿا سڪن
تن کي ڇو وسارجي - ڇو نہ تن سان گهارجي، زندگي ....

# ”دردن ڀريو دل“

ٿلهه- سورن جي ڪهاڻي آ- دردن جي ڪهاڻي آ.
توکي نه ٻڌائيندس- توکي نه سڻائيندس

ڇوا.... تون ڪين ٻڌي سگهندين- توکي نه ٻڌائيندس

١ هيءَ ڳالهه اهڙي آهي- ٻڌندين ته روئي ڏيندين-
روئندين ته مان به روئندس- روئڻ نه وڏائيندس.
تنهنڪري ا.... توکي نه ٻڌائيندس- هيءَ سورن جي ڪهاڻي ....

٢ هڪ پاسي ڪان آهي درياهه- ٻئي پاسي ڪان آ آتش-
موت آهي هنهي پاسي- ڪيئن جان بچائيندس
تنهنڪري ا.... توکي نه ٻڌائيندس- هيءَ سورن جي ڪهاڻي ....

٣ دردن سان ڀريل هيءُ دل آ- ننڍپڻ ڪان آ جُڙيل ناتو.
خاموشي چڱي آهي- لوڪن ڪان لڪائيندس.
تنهنڪري ا.... توکي نه ٻڌائيندس- هيءَ سورن جي ڪهاڻي ....

٤ ڪوشش نه ٻڌڻ جي ڪر- ٻڌندي ته وٺيندين ڇا؟
ورثو نه ضيا آهي- سڀ سيني ۾ سمائيندس.
تنهنڪري ا.... توکي نه ٻڌائيندس- هيءَ سورن جي ڪهاڻي ....

## ”ساجن جي سار“

ٿلهه: ڪهڙو ٿيو گناهه پرين لڳين پري پري
تنهنجو تو انتظار ستائي ڏري ڏري.

١- جيئن جيئن تو پوين ياد وڌي ٿي آنڌ مانڌ
منهنجي تہ تو ٻنان تني ساهه سري سري.

٢- سيني ۾ سوز يار تو بيقرار ڪري سدا
دل ۾ دکي پيو درد جو دونهون هري هري.

٣- ڪنهن کي ٻڌائي هرم جي ماري ڏکہ جو حال
مجبور دل کي لوڪ لڄا ٿي ڪري ڪري.

٤- جت ٻہ سڄڻ هجين آئي آباد هل هجن
دل توکي دائما دعائون ٿي ڪري ڪري.

٥- سور هن فراق جو ضيا سهاري نٿي سگهان
واڻي ورڻ جي وار تہ قسمت وري وري.

## ”ڏوهيڙو“

مان ڪهڙي طرح توکي سڄڻ يار منايان
ڪهڙي نموني سان توکي پنهنجو بڻايان.
قاصد نہ ڪبوتر تو مڃي منٿ ڪا منهنجي
ڪنهن جي هٿان پيار جو پيغام پهچايان.
تارا تڪي هاءِ سڄي رات گذاريان
تنهنجي جدائيءَ ۾ ضيا پاڻ جلايان.

# وڇوڙو وطن جو (فلم اباڻا)

## شعر

وڇن ٿا وچن ٿا- اُداسي وڇن ٿا
وطن کي ڇڏيندا- ساڻ صوفي وڇن ٿا
اُميدون سيئي وڇن ٿا پلئيندا
اَللهُ جاڻي آخر ڪڏهن ميلا ٿيندا

ٿلهه- وطن کان جدا ٿي لڏيندا وڇن ٿا
پکي باغ پنهنجو ڇڏيندا وڇن ٿا
هاءِ هاءِ پکا پراڻا هاءِ هاءِ وطن جا ٿاڻا
هاءِ هاءِ منا اباڻا

١) ڇڏي قطب بيدل ۽ بيڪس جا ڏيرا
ڇڏي شاهه سوامي-دلپت جا پيڙا
درازن کان اڄ دور ٿيندا وڇن ٿا
پکي باغ پنهنجو ڇڏيندا وڇن ٿا
هاءِ هاءِ پکا پراڻا ......

٢) ڇڏي پنهنجي سنڌو نديءَ جا ڪنارا
اباڻا اجها ۽ چنا پيارا پيارا
پراڻن پکن کي پلئيندا وڇن ٿا
پکي باغ پنهنجو ڇڏيندا وڇن ٿا
هاءِ هاءِ پکا پراڻا ........

٣) ڇڏي زندهه پيرُ ۽ سکر ساڌبيلو
وسڻ گهوٽ روچل پاروشاهه جو ميلو
جدائيءَ سندو داغ ڏيندا وڇن ٿا
پکي باغ پنهنجو ڇڏيندا وڇن ٿا
هاءِ هاءِ پکا پراڻا.........

# ”گرونانڪ ديو“

ٿلهه- جنهن تي تو نظر نات ڪئي سو ٿيو نهال-
نانڪ نگاهه تنهنجيءَ ڪيو تي عجب ڪمال
ڌن ڌن بابا نانڪ شاهه

١ آئين الک جي پار جو پيغام تون کڻي-
سنسار ۾ سيني کي واٽي تنهن جي وٽي،
اگيان جي جهان ۾ اوندهه هئي گهڻي،
انڌڪار ۾ تون آئين-سچ روشني بڻي،
چمڪي اُٿي زمين ۽ چمڪيو گگن وشال!
نانڪ نگاهه ........

٢ بي حال ڀڳت جنن کي هو تنهنجو انتظار،
ڪالوءَ جي گهر جنم وٺي تو تن جو ڪيو اُڌار،
ستنام جي جهاز تي سيئي ٿيا سوار،
جن اوٽ ورتي تنهنجي سي ٿي ويا ڀَوَ ڪان پار،
جيڪي اڪال ٿي ويا- تن کي ڪندو ڇا ڪال!
نانڪ نگاهه ........

٣ قعابو بہ اُن طرف ڦريو جنهن پاسي تنهنجا پير،
مڪي ۾ سڀ منجهي پيا تہ هيءَ مرد آهي ڪير،
ملاميان ڪري پيا-دل مان ڪڍيائون غير-
نڪتو انهن جي دل مان- سندو ڏئي جو ڏير،
حيرت لڳي ضيا کي جلوو ڏسي جمال!
نانڪ نگاهه ........



## زماني جي گردش - پريوءُ در پڪار"

### فلمي طرز : ذرا سامني تو آئو ....

ٽلهه : ڪٿي آهين ٻڌاءِ پرماتما
تنهنجي دنيا ڪيو بيزار آ،
ظلم انسان جو انسان تي
ڪيڏو ڌرتيءَ تي اتياچار آ.

سڄ بہ ساڳيو چنڊ ٻي ساڳيو، ساڳي ڌرتي ۽ آڪاش
پوءِ ڇو تنهنجا بندا بدليا، ڌرم ڪرم سڀ تي ويو ناس
اچي دنيا جا ڏکڙا دور ڪر - ڪيو گيتا ۾ تو اقرار آ
ظلم انسان جو انسان تي ....

ڪوڙ ڪپٽ ڪنياءُ وڌي ويو، دوکي دلبي وارا زور
جڳہ جي هن ڦلواڙي اندر - ڪانوَ وٽن تا وڃي نہ مور
نياءُ آهي ڪٿي اَنياءُ آ - انيائي بڻيو سنسار آ
ظلم انسان جو انسان تي ....

ڀاءُ آهي ڀاءُ کان جدا ٿيو - پتني ئي آ ور کان جدا
گهايل ٿي پيا گهڻا گهراڻا - گهر وارا ٿيا گهر کان جدا
پنهنجا پنهنجن جا دشمن ٿي پيا - **ضيا** ڪهڙو عجب اِسرار آ
ظلم انسان جو انسان تي ....

# 'حال حقيقت'

## شڀ ديپاولي ۽ نئين سال جون
## سيني کي لکَ لکَ واڌايون هجن

نئون سال سڀني لاءِ هر طرح سکدائي ۽ لاڀدايڪ بڻجي اِها آهي اسان جي شڀ ڪامنا

ضيا صاحب جي حيات وقت سندن رچيل ۽ ڇپايل ڌرمي ڪتاب جيئن تہ سري سکمني صاحب، جپ صاحب، نائين محلي جا سلوڪ، شري مدڀڳوت گيتا ۽ رگ ويد جا منتر تمام سليل ۽ نرمل روپ ۾ ڪوتا ۾ ترجمو ڪيل عام لوڪن کي بيحد پسند پيا ۽ ڪافي وڪرو ٿيا پڻ پريمين جو اُنهن ۾ ڏاڍو چاهہ پئدا ٿيو. آسان اُهي پستڪ ڪيترا ئي ڀيرا عام ڀائرن جي جڪ ڏسي وري ڇپائيندا پئي رهيا آهيون. سکمني صاحب تہ خاص سڀ ڪنڊ واسڻ ڀڳونتي ناوالي ڀنهنجي مڌر آواز ۾ ڪئسيٽون ڀري امر ڀد حاصل ڪيو آهي.

ضيا صاحب جي ديولوڪ پڌارجڻ بعد ڪن مترن جي چاهنا ۽ شرڌا کي ڌيان ۾ رکي آسان سندن اَڻ ڇپيل شعر جيڪي اَٽڪل ١٠٠٠ شعر ٿيندا، اُنهن مان ڪجهہ چونڊ شعر شري ديال آشا جي سهڪار سان ''آلاپ ضيا'' نالي پستڪ ۾ ڇپائي شايع ڪيا. جنهن جون فقط ١٠٠٠ ڪاپيون آسان ڇپايون. اُن ڳالهہ کي اَٽڪل ٣٥ سال پورا ٿيا پر اِجان تائين اُنهيءَ ڪتاب جون آسان وٽ اَجان ڪجهہ ڪاپيون بچيل

پيئون آهن. آهڙو ڪاپي جو سلسلو ڏسي وڏيڪ شعرن جا ڪتاب ڇپائڻ جي اسان کي اڄ ڏينهن سوڌو همت ڪانه ٿي آهي. اُهو سمورو شعر ڇپائڻ ۾ خرچ جو اَٽڪل ۳۵۰۰۰ رپين جو تخمينو آهي. ڪن مترن جي همت افزائي ۽ صلاح کي ڌيان ۾ رکي اسان وري اِهو ڪاريه هٿ ۾ کڻڻ لاءِ منتظر آهيون. جدا جدا ڀاڱن ۾ ڇپائي شايع ڪرڻ جو اسان هينئين ريت پروگرام ٺاهيو آهي. اَٽڪل ۹ ڪتاب ٿيندا. جيئن ته (۱) ڀاراٽو (۲) مذاقي (۳) رڪارڊنگ (۴) فلمي (۵) ايشور اُستتي (٦) مجازي عشق (۷) ويد منتر (۸) نصيحت آميز (۹) گڏيل شعر جدا جدا ڀهلن تي. هن اُتسوَ تي اسان حال ڪجهه شعر گيت چونڊي جيڪي ضيا صاحب ٺاهيا ۽ ماسٽر چندر صاحب سنڌ ۾ ڳائي رڪارڊ ڀرايا اُنهن جو هڪ ننڍو ڪتاب 'گيت بڙهه جا' سان شروعات ٿا ڪريون. اسان هن ڪتاب ۾ ڪجهه اشتهارن جو سهارو ورتو آهي. اُميد ته اسان جي هيءَ ڪوشش ضرور ڦلدائڪ بڻبي. باقي اڻڇپيل شعر ڇپائڻ لاءِ خاص اسان جي پاٺڪن کي وينتي آهي ته اسان کي هن ڪاريه لاءِ اِشتهار يا ڪي خريدار ڀائر اڳواٽ وٺي ڏيڻ جو سهڪار ڏيو جيئن اسين اُنهن جي آڌار تي مٿيان ڪتاب رٿيل پروگرام موجب جلد شايع ڪرڻ جا آڌڪاري بڻجون.

سنڌيت جي جوت جاڳندي رکڻ لاءِ ننڍي نهي ۾ اُمنگ وڌائڻ لاءِ ضيا جو شعر پرسڌ ٿيڻ ۽ عام جي جاڻ لاءِ اڻڇپيل شعر جلد جلد ڇپجي شايع ٿيندا رهن اُن پوتر ڀاونا کي ڌيان ۾ رکي صلاحڪار ڪاميٽي جي ڀڪراءِ ڪيل

فيصلي موجب ضيا جي نالي هر بي مهني اسان هڪ ٻماهي رسالو شايع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي جنهن جو مهورت ١١ جولاءِ ١٩٩٨ع سندن جنم ڏينهن سنڌونگر ۾ ڪيو ويندو جنهن ۾ ڪجهه رچنائون شعر ضيا صاحب جا هوندا ساڻ گڏ جدا جدا ليکڪن، شاعرن، نون ساهتيڪارن جي همٿ افضائي ڪرڻ ناتي سندن رچنائون شامل هوندا. اُميد ته سنڌيت جا شيدائي اسان جي هن ڪيل فيصلي جو سواگت ڪري دلي سهڪار ڏيندا ۽ پنهنجا رايا موڪليندا.

ڌنيواد

نارائڻ پرسرام ضيا

★ ★ ★

## پراٿنا

نمسڪار داتا سويڪار ڪر

توَن شرڌا اسان جي انگيڪار ڪر.

پويتر اسان جا تون ويچار ڪر

ديا پنهنجي دينن تي داتار ڌر.

اسان جو اچي ڀيڙ تون پر جهلو

ڪرين ڀو زماني سڄي جو ڀلو.

ضيا جي ٻه آهي، اِها ئي آراڌنا

ڪندين پوري ڀڳونت سڀ جي ڪامنا.

تي پهتو. ائمريڪا جي هڪ انجنيئرنگ ڪمپني جي سندن
اخبار ۾ ڇپايل اشتهار جي آڌار انڊيا مان چونڊجڻ تي نوڪري
پڪي طرح حاصل ڪري هن پنهنجو شان وڌايو آهي. سندس
پتا شري پيتومل جو سنڌ ۾ ٽنڊي آدم شهر جي بيحد پرسڌ
خاندان شري نارائڻداس ديارام سچاننداڻي پريوار ۾ جنم
ٿيو. هو هن وقت بوريولي بمبئي ۾ رهندو آهي ڪپڙي ۽ ناڻي
جي ڪم جي دلالي جو ڏنڌو ڪندي ڪاميابي حاصل ڪئي
آهي. پياري ڳلاب جي اهڙي بيحد ڪاميابي لاءِ اسين کيس
مبارڪون ٿا ڏيون. شل هيءُ نوجوان اجان وڌيڪ پنهنجي لڳن
سان ڪاميابي حاصل ڪندو رهي! پنهنجو ساڻ ڳڏ پنهنجي
مائٽن جو نالو روشن ڪندي، سنڌي جاتي ۾ هڪ چمڪندڙ
هيرو بڻجي سنڌيت جو شان بلند ڪندي اجان وڌيڪ جس جو
ڀاڳي بڻجي، اها آهي اسان جي شڀ ڪامنا پيتومل کي پنهنجي
پٽ جي اهڙي ڪاميابي لاءِ کيس بيحد خوشي ۽ ناز آهي اُن
خوشي ۾ هن ڪتاب ڇپائڻ ۾ هن ڪجهه سهڪار ڏنو آهي.
پرڀوءَ جي شل آسيس سندن پريوار مٿان ورسندي رهي. هيٺ
سندن گهر جي ائڊريس ڏجي ٿي.

**نارائڻ پرسرام ضيا**

**Pitumal .N. Sachanandani**

Flat 2
Jaitirth Hsg. Society
Road No. 10
Doulat Nagar
Borivali (East)
Mumbai - 400 066
Telephone 8627002

## ڪلام - ي - قلم (ماسٽر رتن)

شعر : سنڌڙيءَ جي سنڌيت ۽ پڪي پريت،
قائم رهڻي رهندي ريت،
ماڪيءَ مصريءَ کان به منهنجي مٺڙي،
سنڌي ٻولي ۽ سنڌي سنگيت.

ٿلهه : سنڌي سنگيت جو ساز سونهارو،
ڍولڪ مٽڪو ۽ يڪتارو،
الگوزو - بينون چنگ نغارو ...

١- مست ملنگ مستيءَ ۾ ڳائن،
مشڪي مرڪي ڦيرڙيون پائن،
ڇم ڇم ڇيريون پيا ڇمڪائن،
هو هو ڪن هونگارو - سنڌي سنگيت ...

٢- راڳ پرياتي حسيني پهاڙي،
جوڳ ڀيروي سورٺ سنهاري،
مارون راڻو حمل ڪوهياري،
ڪن لوڙائوءَ ڏي لاڙو - سنڌي سنگيت ...

٣- سوامي، شاه - سچل ۽ بيڪس،
ڪنوررام، ڪشنچند بيوس،
ڇيو ضيا آ پڻ چندر ائين آوس،
آ بلند سنڌين جو ستارو - سنڌي سنگيت ...
ڍولڪ مٽڪو ۽ يڪتارو ...

# آجيان !

[ بقلم : ماسٽر چندر ]

ٿلهه : هزار شڪر جو آيا پري ڪان پير ڀري ،
غريب خاني ۾ آيا ، اسان تي قرب ڪري .

١- اسانجو اوهان جو عهدنامو آ ٿيل اهڙو ،
اسان جي ٻه نه سري ۽ اوهانجي ٻه نه سري .

٢- آهي جو ڪين اصل ، ڪين مان ٿئي سيڪي ،
نگاهه لطف جي ، الله جي مهر ٿي ڪري .

٣- سدائين ياد رهو ۽ رهو سدا آباد ،
اسان سان گڏجي رهو ، يا رهو اسانکان پري .

٤- وڃڻ جي چاهيو ته وڃو ، پر دعا ڪندا وڃو ،
دعا ڪرڻ سان ٿي انسان جو ٿو ٻاگ ڀري .

٥- اهو ٿي عرض ٿو ڀڳوان کي ڪريان چندر ،
اسانجي ديس ۾ سنگيت جي ڪا جوت ٻري .

# 'قربدار ضيا'

قربدار ضياء، محبوب ضياء، منهنجو رفيق ضياء، سدا امر ضياء. سالن کان سانس سنيهه ڀريو سنبنڌ هو. ان سنبنڌ وڏيڪ هڪ ٻئي جي ويجهو آندو. ضيا صاحب جا گيت، غزل، شعر ۽ منهنجي زبان ٻنهي جو مڌر ميلاپ فضا ۾ عجيب لطف پيدا ڪندا هو. هو ١ قرب جو ڪنول هو. سندس ڪلام ۾ درد هو ته هن. سان گڏيو سوز ڀريو سنگيت. سندس قلمبند سوين گيت هز ماسٽر وائيس وارن مون کان رڪارڊ ڪرايا.

ضيا صاحب وڏي شخصيت جو مالڪ هو. پر سدا سباجهو، نماڻو ۽ لڄاري سڀاءَ وارو شخص هو. سندس ڪاوش، ڪيترن ۾ ڪيل. سيوائون بي نظير آهن.

وسارڻ سان نه وسرن ٿيون
پنهنجي محبوب جون ڳالهيون
سدائين ياد سي رهنديون
محبت پيار جون ڳالهيون

— سنگيت آچاريه ماسٽر چندر

# 'منهنجا ويچار'

ماسٽر چندر کي مان اُن وقت کان سڃاڻان جنهن وقت مان هز ماسٽر وائيس رڪارڊنگ ڪمپنيءَ جو شاعر مقرر ٿي ڪمپني ۾ آيس، منهنجو ڪم هوندو هو ڪمپني جي آرٽسٽس کي رڪارڊن لاءِ نوان نوان گانا تيار ڪري ڏيڻ. ماسٽر چندر ان ڪمپني جو محبوب آرٽسٽ هو ۽ آهي جنهن ڪري قدرت ساڻس منهنجا تعلقات گهرا ٿي ويا. سالن کان سنگت هلندي اچي ٿي. ماسٽر صاحب جيڪڏهن فقط ڳوئيو هجي ها، ته شايد منهنجي ساڻس ايتري دلچسپي نه رهي ها. پر ماسٽر صاحب سنگيت آچاريه هوندي هڪ سٺو شاعر به هو ۽ آهي. سندس ڪويتائون ڪويتا جي روپ ۾ هن ڪويتا جي ذريعي ڇپي ظاهر ٿيون آهن. ڪتاب کي چڱي طرح ڏٺو اٿم. بيت بيت ۾ عجيب بيتابيون نظر اچن ٿيون- بي پناهه جذبات نمايان آهي. ٻولي نهايت سليس ۽ مروج آهي ماسٽر چندر صاحب پنهنجي دل جي ترجماني اهڙي نموني ڪئي آهي جو ٻڌندڙ يا پڙهندڙ هر شعر کي پنهنجو ئي قصو سمجهي رهيو آهي. اميد ته هي اثرائتا شعر پڙهندڙن جي دلين تي اثر ڪندا.

27-3-1951

پرسرام ضيا

(چندر سان رهاڻيون ڀاڱي پهرين تان اتاريل)

# شاعر پرسرام "ضيا"

## ڊاڪٽر ديال "آشا"

مٺو محبوب مختار ضياء، ممتاز مايهناز شاعر ضياء ڪڏهن ڪين وسرندو! سندس يادگيريون اڄ به تازيون آهن. سندس مشڪندڙ مهانڊو اڄ به اکين اڳيان ڦري رهيو آهي. سادگيءَ ۽ نمرتا جي صورت، قرب ۽ محبت جي مورت ڀلا ڪيئن وسرندي! سندس ئي لفظن ۾:

وسارڻ سان نه وسرن ٿيون مٺي مختار جون ڳالهيون
سدائين سي ياد رهنديون محبت پيار جون ڳالهيون.

شاعر پرسرام ضيا جو جنم سنه ١٩١١ع ۾ شري هيرانند سچانندائيءَ جي گهر ٽنڊي آدم ۾ ٿيو. سنڌ ۾ هن صاحب ڪمپازيٽري ڪندي شعر و شاعريءَ ۾ طبع آزمائي ڪئي. هن صاحب پهريان "پرسو" ۽ "رنجور" تخلص استعمال ڪيو. سندس شعرن جي مجموعي "تصوير-احساس" تي سنڌ ۾ ڪيس سرڪار طرفان انعام عطا ٿيو. ديش جي ورهاڱي ڪانپوءِ هي صاحب الهاسنگر ۾ اچي رهيو. هن صاحب "سوڻائي" ۽ "سپاهي" جي تخلص سان سگريٽ باز جا گفتا ۽ "سپاهيءَ جا سخن" طنزي شعر ۾ چيو. ان شعر ۾ حقيقتنگاري به هئي. ضيا صاحب زندگي جو پويون

عرصو سنڌو ايڊيوڪيشن سوسائٽيءَ الهاسنگر جي
اسڪول ۾ ماستري ڪئي. صوفي درويش ڊاڪٽر
روچلداس جي صحبت ۾ ڪيس روحاني رنگ ۾ لڳو.
٢٨ آڪٽوبر ١٩٥٨ ۾ هي ممتاز شاعر سنسار جو سفر
پورو ڪري رب جي راهه ڏانهن رمندو رهيو.

شري ضيا صاحب جي شعرن جو مجموعو "آلاپ
ضيا" شايع ٿيو آهي. ان ڪانسواءِ ڀڳوت گيتا، ويدمنتر،
جپ صاحب، شري سکمني صاحب ۽ نائين محلين جا
سلوڪ سليس سهڪ سنڌي ڪويتا ۾ ترجمو ڪري
سنڌي جاتيءَ سان هڪ وڏو وڙ ڪيو آهي ته ٻئي
طرف ڌارمڪ ساهتيه ۾ پڻ اضافو آندو آهي. ورهاڱي
بعد ڀارت ۾ جيڪي به سنڌي فلمون نڪتيون تن ۾
سندس ئي گيتن جي گونجار آهي. ضيا صاحب ٻارن
لاءِ به گيت لکيا. ٻارن جي گيتن "باغ بهار" ڪتاب تي
ڀارت سرڪار طرفان انعام پڻ عطا ٿيو.

شري ضيا صاحب سماج جي سچي تصوير پنهنجي
ڪاويه ۾ پيش ڪئي آهي. اعليٰ شاعر پنهنجي يڳ
جو ترجمان آهي. شري ضيا صاحب پنهنجي يڳ جي
ڪاويه ۾ پوري ترجماني ڪئي آهي. محاوريدار
سهڪ، سرل، سلوڻي ۽ سهوڻ سنڌيءَ ۾ عوام جو
احساس، امنگ، آزموده، عقيدا، مسئلا ڪلاتمڪ نموني
پنهنجي ڪاويه ۾ پيش ڪيا آهن. ان سبب ئي هن

صاحب عوام ۾ مقبوليت حاصل ڪئي ۽ هردل عزيز شاعر جو پد پراپت ڪيو. هو جڳ انساني دلين مان لهي نڪتو هو.

اسانجو ديش سياسي سطح تي برابر سوتنتر آهي آن سوتنترتا جو ڦل گهڻي ڀاڱي سرمائيدار کائي رهيا آهن. آرٿڪ اسمانتا سبب سرمائيدارن جي ساري سر آهي پر مسڪين ۽ محتاج پيڙجي رهيا آهن. اها حقيقت پيش ڪندي ضيا صاحب چوي ٿو:

ملڪ ٿيو آزاد ۽ آباد ٿيا سرمائيدار،
آهي جنتا لاءِ پر ساڳي نراسائي اڃا،
جن کي زرجو زور سي ڪن راڄ تا ڪمزورتي،
بيوس تي آهي وس وارن جي ڏاڍائي اڃا،
جا بجا آليون اکيون چهرا اداس آهن گهڻا،
ڪانه ڏسجي ٿي روئڻ رودن ۾ گهٽتائي اڃا!

شري ضيا صاحب مفلسيءَ ۾ رهندي به مشڪندي رهيو جيون مان نراس نه ٿيو. هو آشاوادي شاعر هو. هڪ هنڌ لکي ٿو:

نراشا نرٻلن جي آ، ضيا ٻلوان جي آشا،
جو ناممڪن اگر آهي اهو ممڪن بڻائيندس.

ضيا صاحب جو شعر وزن جي لحاظ کان پڪو پختو آهي سندس شعر ۾ رس ۽ رواني آهي. فصاحت ۽ سلاست آهي.

# 'دل پر تو يار ضيا'

اٽڪل هڪ سال اڌ صدي کان اڳ جي وارتا آهي مان ٻي. جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ پهرئين سال جو وديارٿي هوس. تنهنجي ناٽي ميٺارام هاسٽل ۾ سورڳيه پروفيسر منگهارام ملڪاڻي جي زير سايه هيٺ رهندو هوس.

آسر جي ويل آهي مان نيم انوسار پڙ واري پرنس گارڊن ۾ سهاوڻي سمي جو ڦلن ڦولن ۽ هرياليءَ جو ديدار ڪرڻ ويو هوس، هوا جا نشيلي نار جيان ٻنهنجا پيار ڀريا جهونڪا هردي ۾ ڪتڪتائيءَ جهڙي پرستتي پيدا ڪري رهيا هئا، منهنجي عادت هئي جو پرويش دوار کان باغ جي پهرين ٻاڙي جي نمائش ڏسي ائين ٻئين ٽئين ۽ چوٿين ٻاڙي تي وڃي دنگ ڪندو هوس اُن ڏينهن جو ڪنهن خدا جي نوازيل نُور واري اِلاهي شاعر سان مندر ۾ ملاقات لکيل هئي سو هوڻن کان قدرتي ذرا وڌ ڪ ويل پهرئين ٻاڙي ۾ ٽڪي پيس ۽ هڪ طرف ديدار ٻاڙي ۽ ٻئي طرف چيٽن چمت جو چنتن جاري هو. اچانڪ ڪنهن غيب مان منهنجو دوست ڦاٻرو ماڌوداس "ماڌو" اچي منجهه ۾ منهن ڪڍيو ۽ ڪلي ڪيڪر ڪيائين، ساڻس پيو هڪ اونهي خيال ۽ خوض ۾ خماريل

پوءِ هڪ نماڻو منش ذرا آهستي آهستي قدمن سان
اچي ويٺو هو. مون کي ماڻهن چيو ته اڄ انهنجي
واقفيت هڪ نامور سنڌي شاعر سان ڪرايان - جيئن
ماڻو داس پنهنجي اچڻ جو پرايو رائي ڏيئي انهن
نيڪ پرش شروعات ڪري ڇڏي. مخاطب
ڪري نهايت ادب ۽ عزت سان مون کي اوهانجو
اسم شريف ڇا آهي؟" جيئن مان جواب ڏيان "ته" تيئن
اهو پرسل ماڻس وري پنهنجي پنهنجي سر واقفيت
ڏيڻ کي لڳي ويو "منهنجو نالو پرسو سچانندااڻي آهي
مون پرسل جي تخلص سان شاعري جي شروعات ڪئي
پوءِ رنجور تخلص اپنايم ۽ پنهنجي استاد شريف جي
دعا پٽاندڙ مان هاڻ ضيا جي نالي شعرگوئي ڪندو
آهيان. شايد ضيا صاحب کي اوهان وڌيڪ ڪجهه
چوڻو هو جو مون کيس گويا اڳ ۾ ڪاٿي ڏٺو ته پرسل
جي نالي ۽ رنجور جي نالي مون سنڌس ڪي
ڪويتائون اڳ پڙهيون هيون ۽ مان منس اڻ ڏٺي
عاشق ٿي پيو هوس - ۽ سنڌس هڪ ديش ڀڳتي
واري ڪويتا مان هڪ ٻه پنگتي کيس پڪ ڏيارڻ
لاءِ اچاري ڇا هن طرح هئي "نامور سنڌو ۽ شاعر شاهه
۽ ٽڪور ڇا" اهين اچارينديءَ مون حب سان سنڌس
هٿ پڪڙي ورتو ۽ جيئن مان هٿ پڪڙيان اهين
هو هٿ ٻري ڪندو وڃي مون کي ان جو ڪو ٻه
ڪارڻ نه سمجهيو ۽ مون کيس ڏورانهو ڏيئي چيو،

”مون سان دوستي جو هٿ ملائڻ ٿا چاهيو؟“
وراڻيائين ڀلا! منهنجا هٿ ميرا آهن هاڻ پريس
مان ڊيوٽي ڏئي آيو آهيان ۽ منهنجا هٿ چڪڻي
ڪارنهن ۾ رنگيل آهن. مون زبردستي سندس هٿ
پڪڙي پنهنجي هٿ جي آڱرين ۾ ڀيڪوڙي ڇڏيو ۽
چيو مون ”خدا جا ٻندا مون کي اهو ڪارو برڪتي
هٿ ڪجهه وقت لاءِ منهنجي هٿن ۾ رهڻ ڏيو جيئن
منهنجو هٿ به برڪتي بڻجي پوي.“ ڏاڍيءَ نينهن
ڀري نظر سان مون ڏانهن گهوري نهاري مشڪڻ لڳو گويا
گونگهن اکين سان ائين چئي رهيو هو ته اڄ کانپوءِ
اسان زندگيءَ ڀر جا ساٿي آهيون.

پوءِ ته واقفن مان وڏي دل وندريندڙ يار ٿي پياسين
۽ پنهنجا شخصي حال احوال به پيا ڪندا هئاسين
پر ڏٺم ته زماني جي گردش ۾ آيل ضيا جيڪڏهن
پنهنجو ڪڏهن اوکو احوال اوري ٿو ته به
سندس دل خوش ۽ طبيعت مچلندي رهي ٿي ۽
ڪڏهن فڪر کي پاڻ تي حاوي ٿيڻ نٿو ڏئي باقي
زماني جي بي وفائن ۽ بيهودگين کي نظرانداز ڪري
هميشه اوچو اڏامندو رهي ٿو ۽ شعر سندس زندگي
ٿي چڪو هو ۽ سندس زندگي خود شعر جو مجسم
بڻجي چڪي هئي ۽ مسلم شاعرن ۽ مسلم اديبن جي
صحبت ۾ هو البت ٻولي جي لحاظ کان اوکو ۽ دقيق

ڙو استعمال ڪري رهيو هو. تڏهن به سندس دل هو ڀڳي - ديش ڀڳتي ۽ جاتي ڀڳتيءَ سان سرشار هئي. مون هڪ دفعي همت ڪري کيس آگاه ڪيو ته هو پل ڪيڏو نه اوچ شاعر ٿي وڃي، تڏهن به عام فهم ٻوليءَ ۾ شعر گوئي نه ڪندو ته البت پاسيرو ٿي ويندو ۽ سندس مدوڪامنا ته ديش ۽ جاتي ۽ جا ڪهڙا پريان اسقل رهجي وينديون. مون کيس مثال ڏيئي ٻڌايو ته مسلمان شاعر جي وديشي علم عروض ۽ عربي، پارسي ٻوليءَ جو زياده تر واپر ٿا ڪن، اهي ڪيئن نه خود مسلم عوام کان ڪٽيل رهجي ويا آهن ۽ سائين بيوس ڪيئن نه سليس ٻوليءَ ۾ ڪوتا ڪري نهايت لوڪپريه ٿي پيو آهي ۽ کيس شري دڪايل جو به مثال ڏنم اهو خيال کيس آوريو ۽ پوءِ هو سليس سنڌي ٻولي تي پورو خيال ڏيئي رهيو هو.

ٻن چئن سالن بعد سندس "تصوير احساس" ڪتاب به ڇپجي ظاهر ٿيو جنهن مسلم اديبن ۽ خود سنڌ جي ڊي. پي. آءِ. مرحوم شمس آل الما ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب به خوب گل فشاني ڪري داد ڏنو ۽ مرڪزي عامي بورڊ سنڌ طرفان به کيس ان ڪتب لاءِ انعام عطا ٿيو.

ڪراچيءَ ۾ جلد ضيا صاحب هز ماسٽرس وائيس رڪارڊنگ ڪمپني طرفان مکيه شاعر مقرر ٿيو جنهن

ڪري سندس ڳانا مٿين ڪمپني طرفان مقرر ڪيل سنڌ جي جدا جدا ڪيترن ڳائيندڙن ڳوين جهڙوڪ: ڀڳت سنگيت آچاريه ماسٽر چندر، ماسٽر پرمانند ساڳر، ماسٽر مکڻ، ڀڳت مولڻ، ڀڳت جازارام، ڳائڪا جمولي ۽ ٻين ڪيترن هندو مسلمان ڳوين جي آواز ۾ ڪمپني طرفان رڪارڊ پڙايا ويا. جيڪي عام ۾ ڏاڍا پسند پيا ۽ اهي ڳانا گهر گهر ۾ گونجڻ لڳا. تمام گهڻي انداز ۾ رڪارڊ وڪامڻ لڳا جنهن ڪري ڪمپني خوب ڪمايو.

هاڻي ضيا صاحب جو نالو گهر گهر ۾ وڃي ويو. خاص طرح ان ڪري جو، هو شعر ۽ ڳانا لکڻ لڳو ۽ سنگيت آچاريه ماسٽر چندر اهي ڳائڻ ۽ رڪارڊ ڪرائڻ لڳو. ۽ بيحد دلچسپي وٺڻ لڳو جنهن ڪري سڄي سنڌ ۾ ضيا صاحب سڀني کان چوٽيءَ جي شاعرن سان ڳڻجڻ لڳو پر سندس شاعري جو سچو لاڀ سنڌين کي تڏهن پراپت ٿيو جڏهن سنڌي هندو خانه بدوش ٿي هند ۾ ٽڙي پکڙي ڏاڍو ڏکيو ٿي ويا.

ضيا صاحب اوائلي خانه بدوشي جي حالت ۾ ڀاڄ کي ...، ٻين شهرن ۾ ٺڪاڻن جي ڪوشش ڪئي پر سندس روح لڳاتار سنڌونگر ۾ وسندو رهيو ۽ پوءِ ڀاڄ به اچي سنڌونگر ۾ ڏيرو ڪيائين ۽ لک شڪرانا مالڪ مهربان جا جو اڄ به سندس نواس آستان سندس فرزند شري نارائڻ سنڀالي ويٺو آهي جو پنج

۽ اسان سنڌين لاءِ زيارت جو در آهي ۽ عاشق تيرٿ آستان آهي جن ڪوٽڙين ۾ تيل جي ڏيئي ۽ گاسليٽ جي ٽمڻ تي نور نچوڙي ڀاڳ ڪيا ڏکيو سکيو رکي سنڌ جي ورچوڙي جا درد ڳايا ۽ مزاڪي نوع ۾ خانه بدوش سنڌين جي قياس جوڳي حالت ۽ ڪمين ۽ مسڪين اهڙن ايذاون جي دردشا دل کولي اظهار ڪئي ۽ وقت جي حڪومت جي لاغرضائي ڏانهن به هن وقت به وقت ڌيان ڇڪيو ته هر روز سو ٿائي ۽ سپاهي جي تخلص سان خوب تنقيد ڪئي ۽ سنڌين تي ڪيو جن پنهنجي هڪ بيت ۾ سر آلاپيو اٿس ته :-

"پتي تي پوهوءَ ماڻهو، ڪنڊ پڙي شل ڪا گريسين جو،
ڪين ڪياڻون ڪو رياءُ."

يا جيئن ته : "هڪ-ب-ٽي- چار، پنجون نمبر ڪئمپ،
ڪڏهن ڪوڙا وات تي، پتي نڪا لئمپ."

يا جيئن ته طنز ترجماني ڪئي اٿس انهن ڏينهن جي راهگيرن جي ذلت جي! اهين چئي:

"جيلن سي تا جتيون گسايون،
لوهه جا بوٽ ونئي ڪي پايون."

مان اهو دعوا سان چئي سگهان ٿو ته سنڌ جي
جدائي جو درد ۽ سنڌ جي شرنارٿين جي ذلالت جو
ذڪر جنهن نموني جنهن دلي چوٽ سان ضياصاحب
ڪيو آهي اهڙو ڪنهن ٻئي شاعر اڄ ڏينهن سوڌو
ڪونه ڪيو آهي ۽ داد جا مستحق آهن پروفيسر
رام پنجواڻي ۽ ضياصاحب! جن هرا سان ۽ پريشان ٿيل
مرجهايل سنڌي ڇهرن تي مٺي مرڪ آندي ۽ روشن
مستقبل جي تصوير ڇٽي ۽ لوڪن کي آئينده جي
اوج لاءِ اتساهت ڪيو ۽ اڄ اسين ڏسون وينا ته
انهن مان پرپرٽا پاتي آهي اڄ ڪهڙو خوش بهار آهن
۽ اميد کان وڌيڪ انتيءَ جي چوٽيءَ تي چڙهي ويا
آهن. سنڌونگر ۽ سنڌونگر جي ڪنڊ ڪنڊ ضيا
صاحب جي قدمن سان جڙيل هئا. مان سمجهان ٿو ته
ضياصاحب جي اڄ جيئرو هجي ها ته پنهنجي گونگي
قلم سان بيشڪ سنڌونگر جو اڙر هي اوچو الهاس ۽
لوٽي جاگرافي. ٻڌائي سگهي ها. اها سنڌين جي
بدقسمتي آهي جو قدرت اسان کان اهڙو بي بها
هيرو ' ڇتو ئي اوچتو کسي ورتو. اڄا هاڻ ته
ضياصاحب جو چمتڪار پوري آب تاب سان نڪري
سري نخار تي رهيو هو.

ضيا سچ ته اسان جي لاءِ ضيا معنيٰ روشني يا
اڄان ۽ هڪ روشن منار هئو.

افسوس! اڄ سنڌس ڇاپن ۾ ويهي ادبي دنيا ۾ ٻوٽ ڪرڻ وارا ۽ ڪانفرنس ۾ سڀ ڪجهه پرائڻ وارا ڪيس ٻنهي وساري ويٺا آهن ۽ ايتري سعدادمندي ڪونه رهي آهي جو ضيا صاحب جا ڏي ته ڳڻ ڳائين ۽ سنڌس اڪيڊمي رچنائون ڇپائن ۽ انهن جو قهلاءِ ڪن. اڪاڊميز ۽ ٻين سرڪاري امدادن تي پلجندڙ عامي ادارن ۾ به اهو شعور ۽ چاهه ادم پيدا آهن جو ضيا صاحب کي صفا نظرانداز ڪري ويٺا آهن ۽ سيڪرائن ۽ الڙن جا اڌ سمجهه ۾ ايندڙ ۽ ٻولي جي لحاظ کان بلڪل نڪار ڪتاب ڇپيا ڇپائين ۽ انهن کي انعام ڏيئن ۽ ۽ پنهنجي اصل ميراث جا پيٽين ۾ بند آهن دستخطن جي روپ ۾ ان ڏانهن نظر ڪٽي ... نتا نهارين ۽ ضيا صاحب جي فرزند نارائڻ کان اهو ٻڌي افسوس لڳو آهم ته ضيا صاحب جي ڇپيل مواد کان سؤ سيڪڙو مواد اڃا سج جي روشني ڏسڻ کان وانجهيل ويو آهي.

ڪريان اميد ته ڪي سچا قدردان نڪري نروار ٿيندا ۽ ضيا صاحب جي خواهشن کي سوُرج جي روشني ڏيکاريندا. اهو ٿيو ته به ڪافي ٿيو. حالانڪ منهنجي نجي مرضي آهي ته ضيا صاحب

جو ڪل شعر ٽيپ ٿيڻ گهرجي ۽ آهي ٿيڻس منهنجي خيال ۾ نئشنل آرڪائيوز وارا بيشڪ ڇپيا جي شعر ڪي پنهنجي ذخيري ۾ جوڳي جاءِ ڏيندا.

وڌيڪ ڇا لکان دل ڀريل آهي. لوڪن پنهنجو ڀري ڪوي وڃايو آهي ۽ گوبند پنهنجو سچو دوست ۽ دل وندرائيندڙ يار وڃايو آهي جنهن جهڙي سوغات ڪنهن ڀاڳ ڀري کي نصيب ٿيندي آهي.

٢٠-١١-٨٦ **گوبند ايل. ڀاٽيا وڪيل**

امر جيوت سوسائٽي، مغل لين،
ماٽونگا بمبئي-16.
فون : 457534